# موتي ۽ داڻا

آئمه معصومين عليهم السلام جي مقدس ڪلام مان
چونڊ حديثن جو مجموعو

ليکڪ: سجاد حيدر حيدري

الهدیٰ فائونڊيشن پاڪستان

# جملي حق محفوظ آهن


ڪتاب جو نالو: ________________ موتيءَ داڻا

ليکڪ: ________________ سجاد حيدر حيدري

تعداد: ________________ ٥٠٠

ڇاپو: ________________ پهريون

تاريخ: ــ رجب المرجب ١٤٣٢ هجري بمطابق جون٢٠١١ع

ڇپائيندڙ:________________ الهدىٰ فائونديشن پاڪستان

قيمت: ________________ ٧٥/٠٠ روپيه


## رابطي لاءِ


**AL-Hoda Foundation Pakistan**

**Flat No.A-27, A-1 Appartment, Phase-1,**

**Abul Hasan Isphani Road,Karachi**

**Mob:03337091796,03002902203**

**Email:alhodafoundation@gmail.com**

**http://www.shiadost.com**


بسم الله الرحمن الرحيم

# فهرست


پيش لفظ........................................................................................۱

۱_ حضرت محمد مصطفیٰ( صلیٰ الله علي وآله وسلم) .........................................................۲

۲_ حضرت امام علي ( عليه السلام) ............................................................................٦

۳_ حضرت بيبي فاطمه زهرا ( سلام الله عليها ) .............................................................۱۰

٤_ حضرت امام حسن ( عليه السلام) ..........................................................................۱٤

٥_ حضرت امام حسين ( عليه السلام) .........................................................................۱۸

٦_ حضرت امام زين العابدين ( عليه السلام) .................................................................۲۲

۷_ حضرت امام محمد باقر ( عليه السلام) ....................................................................۲٦

۸_ حضرت امام جعفرصادق ( عليه السلام) ...................................................................۳۰

۹_ حضرت امام موسیٰ ڪاظم ( عليه السلام) ..................................................................۳٤

۱۰_ حضرت امام علي رضا ( عليه السلام) .....................................................................۳۸

۱۱_ حضرت امام محمد تقي ( عليه السلام) ....................................................................٤۲

۱۲_ حضرت امام علي نقي ( عليه السلام) .....................................................................٤٦

۱۳_ حضرت امام حسن عسڪري ( عليه السلام) ...............................................................٥۰

۱٤_ حضرت امام مهدي (عجل الله تعالیٰ فرجه الشريف) ..........................................................٥۳

مددي ڪتاب........................................................................................٥۷

# پيش لفظ

الله تبارڪ وتعالي انسانن جي هدايت جي لاءِ هر دور ۾ پنهنجا رسول ۽ پيغمبر موڪليا آهن،جيڪي پنهنجي نهايت اعلىٰ اخلاق سان گڏ حڪمت ڀرئي ڪلام سان انسانن جي هدايت ڪندا رهيا آهن. هدايت جو اهو سرشتو جيڪو ابوالبشرآدم عليہ السلام کان وٺي شروع ٿيو،خاتم النبيين حضرت محمد مصطفىٰ صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.جيڪي پنهنجي دور کان وٺي قيامت تائين ايندڙ سڀني انسانن جا نبي آهن،جن اسلام کي شريعت محمديہ جي روپ ۾ دنيا اڳيان ظاهر ڪيو۽ پنهنجي اعلىٰ اخلاقي قدرن سان پوري دنيا تي ڦهلايو.سندن رحلت کان بعد دين جي حفاظت انهن پاڪ امامن تي آئي،جيڪي سندن ئي آل مان هجڻ سان گڏوگڏ علم ۽ عمل جي اعلىٰ ترين درجي تي فائز هئا.جن هميشہ انسانيت جي ڪمال تي پهچڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو۽پنهنجي علم۽عمل وسيلي هن امت جي هدايت ۽ راهنمائي ڪئي،سندن زبان تي جاري ٿيڻ هدايت جا انمول موتي اهڙا تہ قيمتي هئا جو انسانيت پيار ڪرڻ وارن سندن ڪلام کي قلم جي زنجير سان ڪتابن جي قيدخاني ۾ هميشہ هميشہ لاءِ محفوظ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي،جنهن جي نتيجي ۾ اڄ سوين جلد ڪتاب انهن پاڪ معصومن جي نوراني ڪلام سان مزين ٿي اسان تائين پهتا آهن.

هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ آئمہ معصومين عليهم السلام جي علم جي بي ڪران بحر ۽ اونهي سمنڊ مان هدايت جا املهہ موتي گڏڪري سنڌ جي مومنين ڪرام تائين *سندن* پنهنجي ئي ٻوليءَ ۾ پهچايا وڃن تہ جئين سندن دليون محمد وآل محمد عليهم السلام جي محبت سان گڏ سندن پاڪ ڪلام سان منوّر ٿي سگهن.

# حضرت محمد مصطفیٰ

## (صلیٰ اللہ علیہ وآلہ)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ چاليهه حديثون ياد ڪرڻ جو اجر.

مَنْ حَفِظَ مِنْ أُمَّتِي أَرْبَعِينَ حَدِيثاً مِمَّا يَحْتَاجُونَ إِلَيْهِ مِنْ أَمْرِ دِينِهِمْ بَعَثَهُ اللَّهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فَقِيهاً عَالِما.[١]

منهنجي امت منجهان جيڪو بہ اهڙيون چاليهه حديثون ياد ڪري جيڪي سندس دين جي باري هجن تہ خدا قيامت جي ڏينهن ان کي فقيهہ ۽ عالِم جي ڪري اٿاريندو.

## ٢_ رسول الله (ص) جا خليفا.

اللَّهُمَّ ارْحَمْ خُلَفَائِي ثَلَاثاً قِيلَ يَا رَسُولَ اللَّهِ وَ مَنْ خُلَفَاؤُكَ قَالَ الَّذِينَ يُبَلِّغُونَ حَدِيثِي وَ سُنَّتِي ثُمَّ يُعَلِّمُونَهَا أُمَّتِي.[٢]

رسول خدا (ص) ٽي ڀيرا فرمايو تہ خداوندا منهنجي خليفن تي رحم فرما، پڇيو ويو تہ يا رسول الله (ص) توهان جا خليفا ڪير آهن؟ پاڻ فرمايائون: اهي ماڻهو جيڪي منهنجي حديث ۽ سنت جي تبليغ ڪن ٿا ۽ منهنجي امت کي ان جي تعليم ڏين ٿا.

## ٣_ علي (ع) جا شيعہ بهشت.

يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مِنْ أُمَّتِي سَبْعُونَ أَلْفاً لَا حِسَابَ عَلَيْهِمْ وَ لَا عَذَابَ قَالَ ثُمَّ الْتَفَتَ إِلَى عَلِيٍّ ع فَقَالَ هُمْ شِيعَتُكَ وَ أَنْتَ إِمَامُهُم.[٣]

منهنجي امت منجهان ستر هزار ماڻهو (اهڙا آهن جيڪي) بهشت ۾ داخل ٿيندا، جڏهن تہ انهن کان نہ ڪو حساب ورتو ويندو ۽ نہ ئي وري ڪين عذاب ڪيو ويندو، پوءِ حضرت علي (ع) جي طرف منهن ڪري فرمايائون: (اي علي ع) اهي تنهنجا شيعہ آهن ۽ تون انهن جو امام آهين.

---

[١]. الخصال، ج٢ ص:٥٤١ ؛ فيمن حفظ اربعين حديثا

[٢]. أمالي الصدوق ، ص:١٨٠ ؛ المجلس الرابع و الثلاثون

[٣]. الارشاد في معرفة حجج الله علي العباد، ج١ ص:٤٢

### ۴_ بخيل ماڻهو جي علامت.

إِنَّ الْبَخِيلَ كُلَّ الْبَخِيلِ الَّذِي إِذَا ذُكِرْتُ عِنْدَهُ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَيَ.[۱]

سيني کان وڏو بخيل ماڻهو اهو آهي جنهن جي اڳيان منهنجو ذڪر ڪيو وڃيءَ هو مون تي صلوات نہ پڙهي.

### ۵_ مومن جي نيت سندس عمل کان بهتر هوندي آهي.

نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِنْ عَمَلِهِ وَ نِيَّةُ الْكَافِرِ شَرٌّ مِنْ عَمَلِهِ.[۲]

مومن جي نيت سندس عمل ۽ ڪردار کان بهتر هوندي آهي ۽ ڪافر جي نيت ان جي عمل کان بدتر هوندي آهي

### ٦_ خوف خدا ۾ روئڻ جو اجر.

يَا عَلِيُّ عَلَيْكَ بِالْبُكَاءِ مِنْ خَشْيَةِ اللَّهِ يَبْنِي لَكَ بِكُلِّ قَطْرَةٍ بَيْتاً فِي الْجَنَّة.[۳]

اي علي (ع)! توکي خوفِ خدا ۾ گريو ڪرڻ گهرجي، (ڇو جو) خدا تنهنجي لاءِ هر هڪ لڙڪ عيوض جنت ۾ گهر ناهيندو.

### ۷_ مسلمان جي عزت.

مَن رَدَّ عَن عِرضِ اَخيهِ الُمسلِمِ وَجَبَت لَهُ الجَنَّةُ اَلبَتَّةَ[٤]

جنهن بہ پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزت جي حفاظت ڪئي ان تي جنت واجب آهي

---

[۱]. الارشاد في معرفة حجج الله علي العباد، ج۲ ص:۱٦۹

[۲]. الڪافي، ج۲ ص:۸٤ ؛ باب النية

[۳]. إرشاد القلوب الي الصواب، ج۱ ص:۹٦

[٤]_ وسائل الشيعہ ج۱۲ ص ۲۹۲

## ٨_ عظمت امام رضا (ع).

سَتُدْفَنُ بَضْعَةٌ مِنِّي بِأَرْضِ خُرَاسَانَ لَا يَزُورُهَا مُؤْمِنٌ إِلَّا أَوْجَبَ اللَّهُ عَزَّ وَ جَلَّ لَهُ الْجَنَّةَ وَ حَرَّمَ جَسَدَهُ عَلَى النَّارِ.[1]

منهنجي جسم جو هڪ ٽڪڙو سرزمين خراسان ۾ دفن ٿيندو ۽ جيڪو مومن ان جي زيارت ڪندو تہ خداوند متعال جنت کي ان لاءِ واجب ۽ دوزخ کي حرام ڪري ڇڏيندو.

## ٩_ رمضان المبارڪ جي عظمت.

هُوَ شَهْرٌ أَوَّلُهُ رَحْمَةٌ وَ أَوْسَطُهُ مَغْفِرَةٌ وَ آخِرُهُ عِتْقٌ مِنَ النَّارِ [2]

ان (رمضان) مهيني جو پهريون حصو رحمت وچون حصو مغفرت ۽ آخري حصو (جهنم جي) باهہ کان آزادي آهي

## ١٠_ علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي واجب آهي.

طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيضَةٌ عَلَى كُلِّ مُسْلِمٍ أَلَا إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ بُغَاةَ الْعِلْمِ.[3]

علم حاصل ڪرڻ هر مسلمان تي واجب آهي، ڄاڻي ونو تہ! خدا علم جي ڳولها ڪرڻ وارن کي پسند ڪري ٿو.

## ١١_ روزيدار جي اهميت.

نَوْمُ الصَّائِمِ عِبَادَةٌ وَ نَفَسُهُ تَسْبِيحٌ.[4]

روزيدار جي ننڊ عبادت ۽ سندس هر دم (ساهہ) تسبيح آهي.

## ١٢_ رسول خدا (ص) جي زيارت جو ثواب.

مَنْ زَارَنِي بَعْدَ مَوْتِي كَانَ كَمَنْ هَاجَرَ إِلَيَّ فِي حَيَاتِي فَإِنْ لَمْ تَسْتَطِيعُوا فَابْعَثُوا إِلَيَّ بِالسَّلَامِ فَإِنَّهُ يَبْلُغُنِي.[5]

---

[1]. أمالي الصدوق ، ص:٦٣ ؛ المجلس الخامس عشر
[2]_ بحارالانوار ج ٩٣ص ٣٤٢
[3]. الكافي، ج١ ص:٣٠
[4]. ثواب الاعمال و عقاب الاعمال، ص:٥١ ؛ ثواب الصائم
[5]. جامع الاخبار، ص:٢٠ ؛ الفصل الثامن في فضائل زيارة النبي ص

منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي زيارت ڪري ڻ وارو ان شخص وانگر آهي جنهن منهنجي زندگيءَ ۾ مون ڏانهن هجرت ڪئي هجي، ليڪن اگر توهان (منهنجي زيارت تي اچڻ جي) قدرت نٿا رکو تہ مون تي سلام موڪليو بيشڪ اهو مون تائين پهچي ويندو آهي.

## ١٣_ نماز دين جو ستون آهي.

الصَّلَاةُ عِمَادُ الدِّينِ فَمَنْ تَرَكَ صَلَاتَهُ مُتَعَمِّداً فَقَدْ هَدَمَ دِينَهُ وَ مَنْ تَرَكَ أَوْقَاتَهَا يَدْخُلُ الْوَيْلَ وَ الْوَيْلُ وَادٍ فِي جَهَنَّمَ

نماز دين جو ستون آهي، پوءِ جيڪو بہ نماز کي جاڻي واڻي ڇڏي ڏئي ان جڻ پنهنجي دين کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، ۽ جيڪو نماز جي وقتن کي ڇڏي ڏئي اهو وَيل ۾ داخل ٿيندو، ۽ وَيل جهنم ۾ هڪ وادي (جو نالو) آهي.

## ١۴_ علم، عبادت کان افضل آهي.

فَضْلُ الْعِلْمِ أَحَبُّ إِلَى اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ مِنْ فَضْلِ الْعِبَادَةِ وَ أَفْضَلُ دِينِكُمُ الْوَرَعُ.[١]

خداوند متعال جي نزديڪ علم مرتبو عبادت جي مرتبي کان وڌيڪ آهي، ۽ توهان جي دين جو بهترين(عمل)وَرَع ۽ گناهن کان پرهيز ڪرڻ آهي.

[١]. الخصال، ج١ ص:٤ : خصلة هي أفضل الدين

# حضرت امام علي

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

### ١_ يلي ۽ بري صحبت جو اثر.

مَنْ جَالَسَ الْعُلَمَاءَ وُقِّرَ وَ مَنْ خَالَطَ الْأَنْذَالَ حُقِّرَ.[١]

جيڪو انسان علماء سان ويهي ٿو سو عزت وارو ۽ جيڪو برن ماڻهن سان ملندو سو خوار ٿيندو

### ٢_ امام رضا (ع) جي زيارت جو ثواب.

سَيُقْتَلُ رَجُلٌ مِنْ وُلْدِي بِأَرْضِ خُرَاسَانَ ... فَمَنْ زَارَهُ فِي غُرْبَتِهِ غَفَرَ اللَّهُ ذُنُوبَهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْهَا وَ مَا تَأَخَّرَ وَ لَوْ كَانَ مِثْلَ عَدَدِ النُّجُومِ وَ قَطْرِ الْأَمْطَارِ وَ وَرَقِ الْأَشْجَارِ.[٢]

منهنجي اولاد منجهان هڪ شخص کي خراسان ۾ زهر سان شهيد ڪيو ويندو....جيڪو بہ سندس غربت جي عالم ۾ ان جي زيارت ڪندو تہ خدا ان جا اڳيان ۽ پويان سيئي گناھ معاف ڪري ڇڏيندو جيتوڻيڪ اهي آسمان جي تارن جي،بارش جي قطرن ۽ وڻن جي جي برابر ئي چو نہ هجن.

### ٣_ قرآن چئن حصن ۾ نازل ٿيو آهي.

نَزَلَ الْقُرْآنُ أَرْبَاعاً رُبُعٌ فِينَا وَ رُبُعٌ فِي عَدُوِّنَا وَ رُبُعٌ سُنَنٌ وَ أَمْثَالٌ وَ رُبُعٌ فَرَائِضُ وَ أَحْكَامٌ وَ لَنَا كَرَائِمُ الْقُرْآنِ.[٣]

قرآن کي چئن حصن ۾ نازل ڪيو ويو آهي: هڪ حصو اسان جي باري ۾ آهي،هڪ حصو اسان جي دشمنن جي باري ۾ آهي، هڪ حصي ۾ سنتون ۽ مثال آهن ۽ هڪ حصو فريضا ۽ احڪام آهن. قرآن جي سڀ کان بهترين ۽ افضل ترين حصي جو تعلق اسان سان آهي.

### ٤_ پنجن وقتن ۾ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن.

يُفْتَحُ أَبْوَابُ السَّمَاءِ فِي خَمْسِ مَوَاقِيتَ عِنْدَ الْغَيْثِ وَ عِنْدَ الزَّحْفِ وَ عِنْدَ الْأَذَانِ– وَ عِنْدَ قِرَاءَةِ الْقُرْآنِ وَ عِنْدَ الزَّوَالِ وَ عِنْدَ طُلُوعِ الشَّمْسِ.[٤]

---

[١]. بحار الانوار، ج١ ص:٢٠٥ ؛ باب ٤

[٢]. أمالي الصدوق، ص:١٢٠ ؛ المجلس الخامس و العشرون

[٣]. بحار الانوار، ج٢٤ ص:٣٠٥ ؛ باب ٦٧

[٤]. جامع الاخبار، ص:١٣٢ ؛ الفصل الحادي و التسعون في أوقات الدعاء

پنج وقت اهڙا آهن جن ۾ آسمان جا در کوليا ويندا آهن: برسات پوڻ جي وقت، ڪافرن سان جنگ جي وقت، آذان جي وقت، قرآن جي تلاوت وقت ۽ زوال جي وقت يا سج ايرڻ جي وقت.

## ۵_ محبوب ترين عمل ۽ افضل ترين عبادت.

أَحبُّ الْأَعْمَالِ إِلَى اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ فِي الْأَرْضِ الدُّعَاءُ وَ أَفْضَلُ الْعِبَادَةِ الْعَفَاف.[١]

زمين تي خدا جي نزديڪ سيني عملن کان بهترين ۽ وڻندڙ عمل دعا آهي ۽ افضل ترين عبادت عِفت ۽ پاڪدامني آهي.

## ٦_ فقيہ انبياء جا وارث آهن.

تَفَقَّهْ فِي الدِّينِ فَإِنَّ الْفُقَهَاءَ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاء.[٢]

دين ۾ تفقہ اختيار ڪر ڇو جوفقيہ انبياء جا وارث آهن.

## ۷_ زاهد ڪير آهي

الزَّاهِدُ فِي الدُّنْيَا مَنْ لَمْ يَغْلِبِ الْحَرَامُ صَبْرَهُ وَ لَمْ يَشْغَلِ الْحَلَالُ شُكْرَهُ [٣]

دنيا ۾ زاهد اهو آهي جنهن جي صبرتي حرام غلبو نہ ڪريءَ حلال ان کي شڪر کان نہ روڪي.

## ٨_ لوڻ جي اهميت.

ابْدَءُوا بِالْمِلْحِ فِي أَوَّلِ الطَّعَامِ فَلَوْ عَلِمَ النَّاسُ مَا فِي الْمِلْحِ لَاخْتَارُوهُ عَلَى التِّرْيَاقِ الْمُجَرَّب.[٤]

ڪاڌي کائڻ جي شروعات لوڻ سان ڪيو، جيڪڏهن ماڻهن کي لوڻ جي خاصيتن جي باري ۾ خبر هجي ها تہ ان کي هر فائدي مند دوا تي ترجيح ڏين ها.

---

[١]. مڪارم الاخلاق، ص:٢٦٩ ؛ فيما جاء في فضل الدعاء

[٢]. بحار الانوار، ج١ ص:٢١٦ ؛ باب ٦

[٣]_ تحف العقول ص ٢٠٠

[٤]. مڪارم الاخلاق، ص:١٤٢ ؛ الفصل الثالث في آداب الاڪل و ما يتعلق بہ

## ٩_غِيبت جو انجام.

كَذَبَ مَنْ زَعَمَ أَنَّهُ وُلِدَ مِنْ حَلَالٍ وَ هُوَ يَأْكُلُ لُحُومَ النَّاسِ بِالْغِيبَةِ اجْتَنِبِ الْغِيبَةَ فَإِنَّهَا إِدَامُ كِلَابِ النَّارِ.[1]

ڪوڙو آهي اهو شخص جيڪو چوي ٿو تہ مان حلال منجهان پيدا ٿيو آهيان جڏهن گلا غيبت جي ذريعي ماڻهن جوگوشت کائي ٿو،گلا غيبت کان پرهيز ڪريو ڇو تہ اها جهنم جي ڪتن جو کاڌو آهي.

## ١٠_ايمان جا چار رُڪن آهن.

الْإِيمَانُ لَهُ أَرْكَانٌ أَرْبَعَةٌ التَّوَكُّلُ عَلَى اللَّهِ وَ تَفْوِيضُ الْأَمْرِ إِلَى اللَّهِ وَ الرِّضَا بِقَضَاءِ اللَّهِ وَ التَّسْلِيمُ لِأَمْرِ اللَّه.[2]

ايمان جا چار رڪن آهن: خدا تي توڪل ڪرڻ، امر (پنهنجي ڪمن ڪي خدا جي حوالي ڪرڻ،خدا جي قضاء ۽ قدر تي راضي رهڻ ۽ خدا جي حڪم اڳيان سر جهڪائڻ.

## ١١_عاقل ۽ احمق انسان جي درميان فرق.

لِسَانُ الْعَاقِلِ وَرَاءَ قَلْبِهِ وَ قَلْبُ الْأَحْمَقِ وَرَاءَ لِسَانه.[3]

داناءَ ماڻهوءَ جي زبان ان جي دل جي پنيان هوندي آهي ۽ احمق ماڻهوءَ جي دل ان جي زبان جي پنيان هوندي آهي.

## ١٢_بهشت جا خزانا.

مِنْ كُنُوزِ الْجَنَّةِ إِخْفَاءُ الْعَمَلِ وَ الصَّبْرُ عَلَى الرَّزَايَا وَ كِتْمَانُ الْمَصَائِب.[4]

ٽي شيون بهشت جي خزانن منجهان آهن: لڪائي نيڪي ڪرڻ،تڪليف تي صبر ڪرڻ ۽ مصيبتن کي ظاهر نہ ڪرڻ.

---

[1]. مشڪاة الانوار في غرر الاخبار، ص:١٧٤ ؛ الفصل التاسع عشر
[2]. مشڪاة الانوار في غرر الاخبار، ص:١٨ ؛ الفصل الرابع
[3]. بحار الانوار، ج١ ص:١٥٩ ؛ باب ٤
[4]. بحار الانوار، ج٦٧ ص:٢٥١ ؛ باب ٥٥

## ١٣_آذان ۽ اقامت جي فضيلت.

لَا غِنَى مِثْلُ الْعَقْلِ وَ لَا فَقْرَ أَشَدُّ مِنَ الْجَهْلِ [١]

عقل کان وڌيڪ ڪان دولت ڪانهي ۽ جهالت کان وڌيڪ ڪا محتاجي ناهي

## ١۴_اهل بيت (ع) جو ذڪر شفاء آهي.

ذِكْرُنَا أَهْلَ الْبَيْتِ شِفَاءٌ مِنَ الْوَعْكِ وَ الْأَسْقَامِ وَ وَسْوَاسِ الرَّيْبِ وَ حُبُّنَا رِضَى الرَّبِّ تَبَارَكَ وَ تَعَالَى. [٢]

اسان اهل بيت (ع) جو ذڪر بيمارين جي شفاء آهي ۽ شڪ و ترديد کان بچڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ اسان جي محبت خداوندمتعال جي خشنودي جو سبب آهي.

[١] _بحارالانوار ج٧٥ ص ٣٨

[٢]. بحار الانوار، ج٢٦ ص:٢٢٧ ؛ باب ١

# حضرت بيبي فاطم زهرا

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ حسنين (ع) رسول خدا (ص) جا فرزند آهن.

يَا رَسُولَ اللَّهِ هَذَانِ ابْنَاكَ فَانْحَلْهُمَا فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ ص أَمَّا الْحَسَنَ فَنَحَلْتُهُ هَيْبَتِي وَ سُؤْدُدِي وَ أَمَّا الْحُسَيْنَ فَنَحَلْتُهُ سَخَائِي وَ شَجَاعَتِي.

حضرت فاطمہ (س) (پنهنجي بابي) جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله (ص)! هي ٻئي (حسن ۽ حسين ع) توهان جا فرزند آهن، انهن کي ڪجهہ عطاء فرمايو، نبي سڳوري (ص) فرمايو: آئون پنهنجي هيبت ۽ سيادت حسن (ع) کي ۽ پنهنجي شجاعت ۽ سخاوت حسين (ع) کي ڏيان ٿو.[١]

## ٢_ خالص عبادت جو اجر.

مَنْ أَصْعَدَ إِلَى اللَّهِ خَالِصَ عِبَادَتِهِ، أَهْبَطَ اللَّهُ [إِلَيْهِ] أَفْضَلَ مَصْلَحَتِهِ.

جيڪو انسان پنهنجي خالص ترين عبادت کي خدا طرف موڪليندو تہ خدا ان جي طرف پنهنجي بهترين مصلحت کي نازل فرمائيندو.[٢]

## ٣_ عورتن جي لاءِ بهترين شيئ ڪهڙي آهي.

خَيْرٌ لِلنِّسَاءِ أَنْ لَا يَرَيْنَ الرِّجَالَ وَ لَا يَرَاهُنَّ الرِّجَالُ.

عورتن جي لاءِ بهترين شيءِ اها آهي تہ هو ڪنهن بہ (غير) مرد کي نہ ڏسن ۽ نہ ڪو (ڌاريو) ماڻهو انهن کي ڏسي.[٣]

## ۴_ مومن لاءِ بهترين تحفو

نِعمَ تُحفَة الْمُؤمِن التَمر

مومن لاءِ بهترين تحفو ڪجور(ڪتل) آهي

## ۵_ رسول خدا (ص) تي سلام ڪرڻ جو اجر.

مَنْ سَلَّمَ عَلَيْهِ أَوْ عَلَيَّ ثَلَاثَةَ أَيَّامٍ أَوْجَبَ اللَّهُ لَهُ الْجَنَّةَ قُلْتُ لَهَا فِي حَيَاتِهِ وَ حَيَاتِكِ قَالَتْ نَعَمْ وَ بَعْدَ مَوْتِنَا.

---

[١]. بحار الانوار، ج٤٣ ص:٢٦٤ ؛ باب ١٢
[٢]. التفسير المنسوب إلي الامام الحسن العسكري عليہ السلام، ص:٣٢٧
[٣]. بحار الانوار، ج٤٣ ص:٥٤ ؛ باب ٣

جيڪو شخص ان (يعني رسول الله ص) تي ۽ مون تي ٽي ڏينهن سلام موڪليندو الله ان لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏيندو، راوي پڇيو: ڇا انهن (رسول خدا ص) ۽ اوهان جي زندگيءَ ۾؟ بيبي فرمايو: ها؛ ۽ اسان جي رحلت کان بعد ۾ به.[1]

## ٦_ غديرءِ اتمام حجت.

فَما جَعَلَ الله لأحَدٍ بَعدَ غَدِيرِ خُمٍّ مِن حُجَّةٍ و لاعُذر[2]

الله سائين غدير خم کان بعد جو بهعذر ۽بهانو باقي نه ڇڏيو آهي

## ٧_ بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.

الْزَمْ رِجْلَها، فَإنَّ الْجَنَّةَ تَحْتَ أقْدامِها.

هميشه (پنهنجي) ماءُ جي خدمت ڪر ۽ ان جي حڪم جو پابند رهه ڇو جو بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.[3]

## ٨_ اهو روزو جنهن جو ڪو به فائدو نه آهي.

مَا يَصْنَعُ الصَّائِمُ بِصِيَامِهِ إِذَا لَمْ يَصُن لِسانَهُ وَ سَمْعَهُ وَ بَصَرَهُ وَ جَوارِحَهُ.

جناب فاطمه جو فرمان آهي:اهو روزيدار جيڪو (روزي جي حالت ۾) پنهنجي ڪن،اک ۽ ٻين اعضاء کي ڪنٽرول نٿو ڪري، ان کي اهڙي روزي جو ڪو به فائدو ۽ اجر نه ملندو.[4]

## ٩_ گناهگارن جي شفاعت.

إذا حُشِرتُ يَومَ القِيامَةِ أشفَعُ عُصاةَ أُمَّةِ النَّبي (صلى الله عليه و آله)[5]

جڏهن قيامت ۾ اينديس ته رسول الله جي امت مان گناهگارن جي شفاعت ڪندس

---

١. بحار الانوار، ج٤٣ ص:١٨٥ ؛ باب ٧

٢_ نهج الحيات ص ٤٢

٣. ڪنزل العمال، ج١٦ ص:١٩٢ ؛ ح: ٤٥٤٤٣

٤. مستدرڪ الوسائل، ج٧ ص:٣٦٦ ؛ باب١٠ ؛ دعائم الاسلام، ج١ ص:٢٦٨

٥_ نهج الحياة ص٢٠٥

### ١٠_ جنت جا بهترين ماڻهو

شِيعَتُنا مِنْ خِيارِ أَهْلِ الْجَنَّةِ وَ كُلُّ مُحِبِّينا وَ مُوَالِي أَوْلِيَائِنَا وَ مُعَادِي أَعْدَائِنَا وَ الْمُسْلِمُ بِقَلْبِهِ وَ لِسَانِهِ لَنَا

اسان جا شيعا ۽ اسان جا سيئي حبدار ۽ اسان جي دوستن جا دوست ۽ اسان جي دشمنن جا دشمن ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي دل ۽ زبان سان اسان ڪي تسليم ڪن ٿا، بهشت جي بهترين ۽ چونديل ماڻهن منجهان آهن. .[1]

### ١١ _ بيبي فاطمه جي دعا جلدي قبول ٿئي ٿي.

وَ اللَّهِ يَا ابْنَ الْخَطَّابِ لَوْ لَا أَنِّي أَكْرَهُ أَنْ يُصِيبَ الْبَلَاءُ مَنْ لَا ذَنْبَ لَهُ لَعَلِمْتَ أَنِّي سَأُقْسِمُ عَلَى اللَّهِ ثُمَّ أَجِدُهُ سَرِيعَ الْإِجَابَةِ

حضرت بيبي فاطمه عمربن خطاب کي فرمايو: اي خطاب جا پٽ! خدا جو قسم آهي ته اگر مون کي کنهن بي گناهه تي عذاب جي نازل ٿيڻ جو خوف نه هجي ها ته معلوم ٿي وڃي ها ته آئون خدا کي قسم ڏيان ها (۽ بد دعا ڪيان ها) ۽ تون ڏسي ها ته ڪيڏي جلدي منهنجي دعا قبول ٿئي ها. .[2]

### ١٢_ مسڪرائي ملڻ جو اثر.

بِشْرٌ فِي وَجْهِ الْمُؤْمِنِ يُوجِبُ لِصَاحِبِهِ الْجَنَّةَ– وَ بِشْرٌ فِي وَجْهِ الْمُعَانِدِ الْمُعَادِي يَقِي صَاحِبَهُ عَذَابَ النَّارِ

کنهن مومن سان کلي ۽ خوش ٿي ڪري ملڻ جنت ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي ٿو ۽ کنهن حد کان وڌي ويل دشمن سان کلي ڪري ملڻ جهنم جي عذاب کان بچڻ جو باعث ٿئي ٿو. .[3]

### ١٣_ درس زندگي.

يا أبَا الحَسَن، إنّى لأَستَحى مِنْ إلهى أنْ أكلِّفَ ما لا تَقْدِرُ.

---

1. بحار الانوار، ج٦٥ ص:١٥٥ ؛ باب١٩ ؛
2. الڪافي، ج١ ص:٤٦٠ ؛ باب مولد الزهراء فاطمة ع
3. بحار الانوار، ج٧٢ ص:٤٠١ ؛ باب ٨٧

اي ابوالحسن! (علي) مونکي پنهنجي رب کان حيا ٿو اچي تہ آئون توهان کان اهڙي شيءِ گهران جيڪا جي وس ۾ نہ هجي.

## ١٤_امام ڪعبي جي مثل هوندو آهي.

مَثَلُ الْإِمَامِ مَثَلُ الْكَعْبَةِ إِذْ تُؤْتَى وَ لَا تَأْتِي

حضرت فاطمہ (س) فرمائن ٿيون: امام ڪعبي جي وانگر هوندو آهي (بس ماڻهن کي گهرجي تہ) ان جي طرف هلي اچن نہ ڪي هو انهن وٽ هلي جي.[1]

[1]. بحارالانوار، ج٣٦ ص:٣٥٣ ؛ باب٤١

# حضرت امام حسن

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

### ١_ خدا جون حجتون

إنَّ لِلَّهِ تَعَالَى مَدِينَتَيْنِ إِحْدَاهُمَا فِي الْمَشْرِقِ وَ الْأُخْرَى فِي الْمَغْرِبِ فِيهِمَا خَلْقٌ لِلَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ لَمْ يَهُمُّوا بِمَعْصِيَةٍ لَهُ قَطُّ وَ اللَّهِ مَا فِيهِمَا وَ مَا بَيْنَهُمَا حُجَّةٌ لِلَّهِ عَلَى خَلْقِهِ غَيْرِي وَ غَيْرُ أَخِي الْحُسَيْنِ.[1]

خداوندعالم جي لاءِ ٻه شهر آهن (جن منجهان) هڪ شهر مشرق ۾ ۽ ٻيو مغرب ۾ آهي، ۽ انهن ٻن (شهرن) ۾ خدا جا (اهڙا) ٻندا آهن جيڪي ڪڏهن ٻه سندس معصيت ۽ نافرماني جو سوچين ٻه ڪونه ٿا، خدا جو قسم ته انهن ٻنهي شهرن ۽ انهن جي درميان خدا طرفان مون ڪان ۽ منهنجي ڀاءُ حسين (ع) ڪان سواءِ سندس مخلوق مٿان ڪا ٻه حجت نه آهي .

### ٢_ حضرت محمد (ص) ۽ علي (ع) امت جا پيءُ آهن.

مُحَمَّدٌ وَ عَلِيٌّ أَبَوَا هَذِهِ الْأُمَّةِ فَطُوبَى لِمَنْ كَانَ بِحَقِّهِمَا عَارِفاً وَ لَهُمَا فِي كُلِّ أَحْوَالِهِ مُطِيعاً يَجْعَلُهُ اللَّهُ مِنْ أَفْضَلِ سُكَّانِ جِنَانِهِ وَ يُسْعِدُهُ بِكَرَامَاتِهِ وَ رِضْوَانِهِ.[2]

محمد (ص) ۽ علي (ع) هن امت جا ٻه پيءُ آهن، خوش قسمت آهي اهو انسان جيڪو سندن حق جي معرفت رکي ٿو ۽ هر حال ۾ سندن اطاعت ڪري ٿو، خدا ڪيس بهشت جي بهترين رهڻ وارن منجهان قرار ڏيندو، ۽ هو خدا جي مهر، ڪرم ۽ نوازش کي حاصل ڪري وٺندو.

### ٣_ ڀل ماڻهپي ٻن شين ۾ آهي

الْمُرُوءَةُ فِي شَيْئَيْنِ اجْتِنَابِ الرَّجُلِ مَا يَشِينُهُ وَ اخْتِيَارِهِ مَا يَزِينُه.[3]

---

[1]. الارشاد في معرفة حجج الله علي العباد، ج٢ ص:٢٩

[2]. بحار الانوار، ج٢٣ ص:٢٥٩ ؛ باب ١٥

[3]. معدن الجواهر، ص:27

پل ماڻهپي بن خصلتن ۾ آهي: (٢) انسان انهن شين کان پري رهي جيڪي سندس بدنامي ۽ رسوائي جو سبب ٿين ٿيون، (٢) انهن شين کي اختيار ڪري جيڪي سندس عزت جو سبب ٿين ٿيون

## ۴_ هربدي کان آجي نيڪي.

الْخَيْرُ الَّذِي لَا شَرَّ فِيهِ الشُّكْرُ مَعَ النِّعْمَةِ وَ الصَّبْرُ عَلَى النَّازِلَة.[١]

اها نيڪي ۽ ڀلائي جنهن ۾ ڪا بہ بدي نہ آهي، نعمت (جي ملڻ تي) شڪر ڪرڻ ۽ مصيبت جي وقت صبر ڪرڻ آهي.

## ۵_ صلاح مشورو ڪرڻ جو نتيجو.

مَا تَشَاوَرَ قَوْمٌ إِلَّا هُدُوا إِلَى رُشْدِهِم.[٢]

جيڪا بہ قوم صلاح ۽ مشورو کان ڪم وٺندي تہ اها هدايت جي راهہ کي پائي وٺي ٿي.

## ٦_ بي نيازي جا ڪارڻ.

تَرْكُ الزِّنَا وَ كَنْسُ الْفِنَاءِ وَ غَسْلُ الْإِنَاءِ مَجْلَبَةٌ لِلْغَنَاء.[٣]

زنا کان پاسو ڪرڻ ، گهر جي صفائي ڪرڻ ۽ ٿانو ڌوئي رکڻ بي نيازي ۽ تونگري جو ڪارڻ ٿين ٿا

## ۷_ ملاقات جا آداب.

إِذَا لَقِيَ أَحَدُكُمْ أَخَاهُ فَلْيُقَبِّلْ مَوْضِعَ النُّورِ مِنْ جَبْهَتِه.[٤]

جڏهن توهان منجهان ڪو بہ پنهنجي هڪ ٻئي مومن ڀاءُ سان ملاقات ڪري، ڪيس گهرجي تہ سندس پيشاني جي نور واري حصي تي ٻوسو ڏي، (شايد سجدي واري جڳهہ مراد آهي).

---

[١]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٣٤ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

[٢]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:١٠٥ ؛ باب ١٩

[٣]. بحار الانوار، ج٧٣ ص:٣١٨ ؛ باب ٦٠

[٤]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٣٦ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

## ٨_ حق ۽ باطل جي درميان فاصلو

بَيْنَ الْحَقِّ وَ الْبَاطِلِ أَرْبَعُ أَصَابعَ فَمَا رَأَيْتَهُ بِعَيْنِك فَهُوَ الْحَقُّ وَ قَدْ تَسْمَعُ بِأُذُنَيْكَ بَاطِلًا كَثِيراً.[١]

حق ۽ باطل جي درميان ٻن آڱرين جو فاصلو آهي، جنهن شيءِ کي توهان پنهنجي اکين سان ڏسو تا اها حق آهي، ۽ گھڻو ڪري توهان جون ٻڌل شيون باطل هونديون آهن.

## ٩_ قرآن هدايت جو چراغ ۽ دلين جي لاءِ شفاء آهي.

أَنَّ هَذَا الْقُرْآنَ فِيهِ مَصَابِيحُ النُّورِ– وَ شِفَاءُ الصُّدُورِ.[٢]

هن قرآن ۾ هدايت جي روشني جا چراغ ۽ دلين جي شفاء آهي.

## ١٠_ جهنم جي باھ کان بچڻ جو بهترين نُسخو

مَنْ صَلَّى فَجَلَسَ فِي مُصَلَّاهُ إِلَى طُلُوعِ الشَّمْسِ كَانَ لَهُ سِتْراً مِنَ النَّارِ.[٣]

جيڪو شخص نماز پڙهڻ کان پوءِ سج ايرڻ تائين پنهنجي مصلي تي وينو رهي تہ کيس جهنم جي باھ کان بچڻ جي پناھ ملي پوندي.

## ١١_ قرآن جي عظمت

مَا بَقِيَ فِي الدُّنْيَا بَقِيَّةٌ غَيْرُ هَذَا الْقُرْآنِ فَاتَّخِذُوهُ إِمَاماً يَدُلَّكُمْ عَلَى هُدَاكُمْ.[٤]

هن دنيا ۾ قرآن کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ باقي نہ رهي آهي، قرآن کي پنهنجو امام ۽ اڳواڻ بڻايو (ڇاڪاڻ تہ قرآن) نجات واري رستي ڏانهن توهان جي هدايت ڪرڻ وارو آهي

## ١٢_ محبت جو اثر

الْقَرِيبُ مَنْ قَرَّبَتْهُ الْمَوَدَّةُ وَ إِنْ بَعُدَ نَسَبُهُ وَ الْبَعِيدُ مَنْ بَعَّدَتْهُ الْمَوَدَّةُ وَ إِنْ قَرُبَ .[٥]

---

[١]. الخصال، ج٢ ص:٤٤١ ؛ عشرة أشياء بعضها أشد من بعض

[٢]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:١١٢ ؛ باب ١٩

[٣]. تهذيب الاحكام، ج2 ص:321

[٤]. إرشاد القلوب، ج1 ص:79

[٥]. وسائل الشيعة، ج12 ص:52

قربائتو شخص اهو آهي جنهن کي (سندس) محبت ويجهو ڪيو هجي، پوءِ چاهي مٽي مائٽيءَ جي لحاظ کان نزديڪ نہ بہ هجي، ۽ اوپرو انسان اهو آهي جنهن کي (سندس) محبت پري ڪيو هجي، پوءِ ڪٽي ويجهو مائٽ ئي ڇو نہ هجي.

## ۱۳_ خدا جي اطاعت جو اثر

مَنْ عَبَدَ اللَّهَ عَبَّدَ اللَّهُ لَهُ كُلَّ شَيْء.[۱]

جيڪو بہ شخص خدا جي عبادت ۽ اطاعت ڪري ٿو تہ الله تعالىٰ هر شيءِ کي سندس تابعدار ۽ فرمانبردار بڻائي ڇڏيندو آهي.

## ۱۴_ مزاح جو نتيجو

الْمِزَاحُ يَأْكُلُ الْهَيْبَةَ– وَ قَدْ أَكْثَرَ مِنَ الْهَيْبَةِ الصَّامِت.[۲]

مذاق (۽ گهٽي کل ٻوڳ انسان جي) هيبت کي ختم ڪري ڇڏي ٿي، ۽ خاموش انسان وڏي هيبت وارو هوندو آهي.

[۱]. تفسير امام عسڪري(ع)، ص:330

[۲]. بحارالانوار، ج75 ص:113

# حضرت امام حسين

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ ٻاڻ سڳورن (ص) ۽ علي (ع) جي اطاعت جو اجر.

مَنْ عَرَفَ حَقَّ أَبَوَيْهِ الْأَفْضَلَيْنِ مُحَمَّدٍ وَ عَلِيٍّ وَ أَطَاعَهُمَا حَقَّ طَاعَتِهِ قِيلَ لَهُ تَبَحْبَحْ فِي أَيِّ الْجِنَانِ شِئْتَ.[١]

جيڪو انسان پنهنجي ٻن وڏي فضيلت واري پيئرن جي حق کي سڃاڻي وٺي ۽ حقيقي معني ۾ انهن جي اطاعت ڪري ته  ڪيس چيو ويندو ته جنت ۾ جتي تنهنجي دل چاهي وڃي رهه.

## ٢_ سلام جي لاءِ ستر نيڪيون آهن.

لِلسَّلَامِ سَبْعُونَ حَسَنَةً تِسْعٌ وَ سِتُّونَ لِلْمُبْتَدِئِ وَ وَاحِدَةٌ لِلرَّادِّ.[٢]

سلام لاءِ ستر ثواب آهن، (جن منجهان) اوڻهتر ثواب سلام ڪرڻ واري کي ملن ٿا ۽ هڪ ثواب سلام جو جواب ڏيڻ واري کي ملي ٿو.

## ٣_ خدا جي نافرماني جو اثر.

مَنْ حَاوَلَ أَمْراً بِمَعْصِيَةِ اللَّهِ كَانَ أَفْوَتَ لِمَا يَرْجُو وَ أَسْرَعَ لِمَا يَحْذَرُ.[٣]

جيڪو شخص چاهي ٿو ته خدا جي نافرماني ڪندي ڪنهن ڪم کي انجام ڏئي ته جنهن شيءِ جي ڪيس اميد هوندي آهي اها جلد ان جي هٿن مان هلي ويندي آهي ۽ جنهن شيءِ کان ڊڄي ٿو جلد ئي ان ۾ گرفتار ٿي ويندو آهي.

## ٤_ مومن ۽ منافق جي درميان فرق.

إِيَّاكَ وَ مَا تَعْتَذِرُ مِنْهُ فَإِنَّ الْمُؤْمِنَ لَا يُسِيءُ وَ لَا يَعْتَذِرُ وَ الْمُنَافِقُ كُلَّ يَوْمٍ يُسِيءُ وَ يَعْتَذِرُ.[٤]

اهڙي ڪم کان پرهيز ڪر جنهن جي انجام ڏيڻ کان پوءِ توکي معافي وٺڻي پوي، ڇاڪاڻ ته مومن نه بدي ڪندو آهي، نه ئي ڪيس معافي نه وٺڻي پوندي آهي،پرمنافق روزانو بدي به ڪري ٿوءِ معافي به وٺي ٿو.

---

[١]. بحار الانوار، ج٢٣ ص:٦٢٠ ؛ باب ١٥

[٢]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٨ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[٣]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٨ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[٤]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٨ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

## ٥_سلام جي اهميت.

قَالَ لَهُ رَجُلٌ ابْتِدَاءً كَيْفَ أَنْتَ عَافَاكَ اللَّهُ فَقَالَ ع لَهُ السَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَامِ عَافَاكَ اللَّهُ ثُمَّ قَالَ ع لَا تَأْذَنُوا لِأَحَدٍ حَتَّى يُسَلِّمَ.[1]

هڪ شخص امام حسين (ع) جي خدمت ۾ آيو ۽ (سلام ڪرڻ کان پهرين ڳالهائڻ شروع ڪري ڏنائين ۽) چوڻ لڳو تہ: خدا توهان کي سلامتي ڏئي ، توهان جا ڪهڙا حال آهن؟ ، امام (ع) فرمايو: توکي بہ خدا عافيت ڏئي پهرين سلام ڪرڻ پوءِ ڳالهاءِ، پوءِ امام (ع) فرمايو: جيسيتائين ڪو ماڻهو سلام نہ ڪري تيستائين ڪيس (پنهنجي گهر يا محفلن ۾) داخل ٿيڻ جي اجازت نہ ڏيو.

## ٦_ جهنم جي ڪُتن جو خوراڪ.

قَالَ ع لِرَجُلٍ اغْتَابَ عِنْدَهُ رَجُلًا يَا هَذَا كُفَّ عَنِ الْغِيبَةِ فَإِنَّهَا إِدَامُ كِلَابِ النَّارِ.[2]

هڪ شخص امام حسين (ع) جن جي آڏو ويهي ڪنهن ٻئي ماڻهو جي غِيبت (گلا) ڪري رهيو هو تہ پاڻ ڪيس فرمايائون: اي فلاڻا ! غِيبت کان پرهيز ڪر ڇاڪاڻ تہ غيبت جهنم جي ڪتن جي خوراڪ آهي.

## ٧_سيني کان وڌيڪ ڪمزور

اَعجَزالنّاسِ مَن عَجَزَ عَنِ الدُّعاءِ

ماڻهن ۾ سيني کان وڌيڪ ڪمزور اهو آهي جيڪودعا بہ گهري نہ سگهي

## ٨_عبادت جا قسم.

إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ رَغْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ التُّجَّارِ وَ إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ رَهْبَةً فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْعَبِيدِ وَ إِنَّ قَوْماً عَبَدُوا اللَّهَ شُكْراً فَتِلْكَ عِبَادَةُ الْأَحْرَارِ وَ هِيَ أَفْضَلُ الْعِبَادَةِ.[3]

ڪجهہ ماڻهو جنت جي شوق ۾ خدا جي عبادت ڪندا آهن ۽ اها تاجرن واري عبادت آهي، ڪجهہ ماڻهوجهنم جي خوف کان خدا جي عبادت

---

[1]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٦ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[2]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٥ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[3]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٦ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

ڪندا آهن ۽ اها غلامن واري عبادت آهي ۽ ڪجھ ماڻهو خدا جو شڪر ادا ڪرڻ جي نيت سان عبادت ڪندا آهن ۽ اها آزاد انسانن واري عبادت آهي ۽ اهائي سڀ کان وڏيڪ فضيلت واري عبادت آهي.

## ٩_ تقوىٰ جون برڪتون.

أُوصِيكُمْ بِتَقْوَى اللَّهِ فَإِنَّ اللَّهَ قَدْ ضَمِنَ لِمَنِ اتَّقَاهُ أَنْ يُحَوِّلَهُ عَمَّا يَكْرَهُ إِلَى مَا يُحِبُّ "وَ يَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لا يَحْتَسِب[١]".[٢]

آئون توهان کي تقوىٰ جي هدايت ڪريان ٿو ڇاڪاڻ ته خدا ضمانت ڏني آهي ته جيڪو به سندس تقوىٰ اختيار ڪندو ته (پوءِ) جيڪا شيءِ کيس پسند نہ هوندي خدا ان کي اهڙي شيءِ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو جيڪا کيس وڻندي هجي، ۽ سندس روزي کي اهڙي جاءِ تان فراهم ڪندو جيڪا ان جي خيال ۽ گمان ۾ به نہ هوندي.

## ١٠_ خدائي امتحان جو هڪ مثال.

الِاسْتِدْرَاجُ مِنَ اللَّهِ سُبْحَانَهُ لِعَبْدِهِ أَنْ يُسْبِغَ عَلَيْهِ النِّعَمَ وَ يَسْلُبَهُ الشُّكْرَ.[٣]

خدا جو پنهنجي بندي کي مهلت ڏيڻ جو مطلب هي آهي ته هو کيس گهڻيون نعمتون ڏيندو آهي ۽ شڪر کي توفيق کي ان کان کسي وٺندو آهي.

## ١١_ ڪنجوس ماڻهو جي نشاني

الْبَخِيلُ مَنْ بَخِلَ بِالسَّلَامِ.[٤]

ڪنجوس ماڻهو اهوآهي جيڪو سلام ڪرڻ ۾ به ڪنجوسي ڪري.

## ١٢_ هڪ نصيحت.

إِيَّاكَ وَ ظُلْمَ مَنْ لَا يَجِدُ عَلَيْكَ نَاصِراً إِلَّا اللَّهَ جَلَّ وَ عَز.[٥]

---

[١]. سوره طلاق، آيت:٣

[٢]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٠ ؛ موعظة

[٣]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٦ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[٤]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٨ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

[٥]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٤٦ ؛ و عنه ع في قصار هذه المعاني

اهڙي ماڻهو تي ظلم ڪرڻ کان پرهيز ڪر جنهن جو خدا کان سواء ٻيو ڪو بہ مددگار نہ هجي.

### ١٣_ سڀ کان وڏو سخي ماڻهو.

إِنَّ أَجْوَدَ النَّاسِ مَنْ أَعْطَى مَنْ لَا يَرْجُوه.[١]

سڀ کان وڏو سخي انسان اهو شخص آهي جيڪو ڪنهن اهڙي ماڻهو کي عطاء ڪري جنهن کان ملڻ جي ڪا بہ اميد نہ هجيس.

### ١۴_ ڪنهن مومن جي مشڪل حل ڪرڻ جو ثواب.

مَنْ نَفَّسَ كُرْبَةَ مُؤْمِنٍ– فَرَّجَ اللَّهُ عَنْهُ كُرَبَ الدُّنْيَا وَ الْآخِرَة.[٢]

جيڪو بہ شخص ڪنهن مومن جي غم ۽ مصيبت کي دور ڪندو تہ خدا ان جا دنيا ۽ آخرت وارا ڏک دور ڪندو

[١]. بحار الانوار، ج٧١ ص:٤٠٠ ؛ باب٢٨

[٢]. ڪشف الغمة في معرفة الائمة، ج٢ ص:٣٠ ؛ الثامن في ذكر شيء من كلامه ع

# حضرت امام زين العابدين

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## امام سجاد (ع) جون چوڏهن حديثون:

### ١_ ائمہ (ع) جي ولايت تي ثابت قدم رهڻ جو ثواب.

مَنْ ثَبَتَ عَلَى مُوَالاتِنَا فِي غَيْبَةِ قَائِمِنَا أَعْطَاهُ اللَّهُ أَجْرَ أَلْفِ شَهِيدٍ مِثْلِ شُهَدَاءِ بَدْرٍ.[١]

جيڪو شخص اسان جي قائم (عج) جي غيبت جي زماني ۾ اسان جي ولايت تي ثابت قدم رهندو تہ خدا ڪيس بدر جي شهيدن جهڙي هزار شهيدن جو ثواب عطاء ڪندو.

### ٢_ زندگي جا آداب.

لَأَنْ أَدْخُلَ السُّوقَ وَ مَعِي دَرَاهِمُ- أَبْتَاعُ بِهِ لِعِيَالِي لَحْماً وَ قَدْ قَرِمُوا إِلَيْهِ- أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أُعْتِقَ نَسَمَةً.[٢]

جيڪڏهن آئون بازار وڃان ۽ مون وٽ ڪجهہ پئسا هجن ۽ آئون انهن پئسن سان پنهنجي گهر وارن جي لاءِ گوشت خريد ڪيان تہ اهو منهنجي نظر ۾ (خدا جي راهہ ۾) هڪ غلام آزاد ڪرڻ وڌيڪ پسند آهي.

### ٣_ انسان جو انجام.

عَجَباً لِلْمُتَكَبِّرِ الْفَخُورِ الَّذِي كَانَ بِالْأَمْسِ نُطْفَةً ثُمَّ هُوَ غَداً جِيفَةٌ.[٣]

تعجب آهي تڪبر ۽(پنهنجي پاڻ تي) فخر ڪندڙ ان انسان تي جيڪو ڪالهہ هڪ نطفي جي صورت ۾ هو ۽ سڀاڻي مردار جي شڪل ۾ تبديل ٿي ويندو.

### ٤_ سڀ کان ڀلو ماڻهو.

مَنْ عَمِلَ بِمَا افْتَرَضَ اللَّهُ عَلَيْهِ فَهُوَ مِنْ خَيْرِ النَّاسِ.[٤]

جيڪو شخص ان شيءِ تي جيڪا خدا ان تي واجب ڪئي آهي عمل ڪري تہ اهو سڀني کان وڌيڪ ڀلو ماڻهو آهي.

---

١. إعلام الورى باعلام الهدى، ص:٤٢٨ ؛ الفصل الثاني في ذكر الاخبار الواردة عن آبائه في ذلك

٢. بحار الانوار، ج٤٦ ص:٦٦ ؛ باب ٥

٣. الكافي، ج٢ ص:٣٢٨ ؛ باب الفخر و الكبر

٤. بحار الانوار، ج٦٨ ص:١٩٥ ؛ باب ٦٥

## ۵_ زبان جا حق.

حَقُّ اللِّسَانِ إِكْرَامُهُ مِنَ الْخَنَى وَ تَعْوِيدُهُ الْخَيْرَ وَ تَرْكُهُ الْفُضُولَ الَّتِي لَا فَائِدَةَ لَهَا وَ الْبِرُّ بِالنَّاسِ وَ حُسْنُ الْقَوْلِ فِيهِم.[1]

امام سجاد (ع) فرمائن ٿا: زبان جو حق هي آهي ته ان کي ڳار گند کان روڪيو وڃي ۽ ان کي خير ۽ سنو ڳالهائڻ جي عادت ڏني وڃي ۽ اهڙين فضول ڳالهيون ترڪ ڪيون وڃن جن ۾ ڪو به فائدو نه هوندو آهي، ماڻهن سان نيڪي ڪئي وڃي ۽ انهن سان سهڻو ڳالهايو وڃي.

## ٦_ نه بخشجڻ وارا ٻه گناهه.

يَغْفِرُ اللَّهُ لِلْمُؤْمِنِينَ كُلَّ ذَنْبٍ– وَ يُطَهِّرُ مِنْهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْآخِرَةِ مَا خَلَا ذَنْبَيْنِ– تَرْكَ التَّقِيَّةِ وَ تَضْيِيعَ حُقُوقِ الْإِخْوَانِ.[2]

خدا مومن جي هر گناهه کي معاف ڪندو ۽ کيس هن دنيا ۽ ۾ آخرت ۾ گناهن کان پاڪ ڪري ڇڏيندو، پر ٻه گناهه اهڙا آهن جيڪي ڪڏهن به معاف نه ڪيا ويندا هڪ تقيي کي ڇڏي ڏيڻ ۽ ٻيو (مومن) ڀائرن جي حقن کي ضايع ڪرڻ.

## ۷_ مال جو حق.

وَ أَمَّا حَقُّ الْمَالِ فَأَنْ لَا تَأْخُذَهُ إِلَّا مِنْ حِلِّهِ وَ لَا تُنْفِقَهُ إِلَّا فِي حِلِّهِ.[3]

مال جو حق هي آهي ته ان کي رڳو حلال طريقي سان حاصل ڪيو وڃي ۽ حلال راهه ۾ ئي خرچ ڪيو وڃي.

## ۸_ دنيا ۽ آخرت جا سردار.

سَادَةُ النَّاسِ فِي الدُّنْيَا الْأَسْخِيَاءُ وَ سَادَةُ النَّاسِ فِي الْآخِرَةِ الْأَتْقِيَاء.[4]

---

[1]. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج۲ ص:٤٦٧ ؛ مجلس في ذكر حفظ اللسان و الصدق و الاشتغال عن عيوب الناس

[2]. بحار الانوار، ج٧٢ ص:٤١٥ ؛ باب ٨٧

[3]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٦٧

[4]. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج۲ ص:٣٨٥ ؛ مجلس في ذكر حسن الجود و السخاء و ذم البخل

سخي ماڻهو، دنيا (وارن ) جا سردار ۽ پرهيزگار ماڻهو، آخرت (وارن ) جا سردار آهن.

## ٩_ لڪيل بادشاهت.

الْعَافِيَةُ مُلْكٌ خَفِي.[١]

سلامتي ۽ تندرستي لڪيل بادشاهي آهي.

## ١٠_ سڀ کان وڌيڪ فضيلت وارو عمل.

إِنَّ أَفْضَلَ الْأَعْمَالِ عِنْدَ اللَّهِ مَا عُمِلَ بِالسُّنَّةِ وَ إِنْ قَلَ.[٢]

خدا وٽ سڀني عملن کان وڌيڪ فضيلت وارو عمل سنت تي عمل ڪرڻ آهي جيتوڻيڪ ٿوروئي ڇو نہ هجي.

## ١١_ صفا ۽ مروه جي درميان سعي ڪرڻ جو ثواب.

السَّاعِي بَيْنَ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةِ تَشْفَعُ لَهُ الْمَلَائِكَةُ فَتُشَفَّعُ فِيهِ بِالْإِيجَاب.[٣]

جيڪو شخص صفا ۽ مروه سعي ڪندو تہ فرشتا ان جي لاءِ شفاعت جو سوال ڪندا ۽ انهن جي شفاعت کي قبول ڪيو ويندو.

## ١٢_ ڪوڙ کان پرهيز ڪريو.

اتَّقُوا الْكَذِبَ الصَّغِيرَ مِنْهُ وَ الْكَبِيرَ فِي كُلِّ جِدٍّ وَ هَزْل.[٤]

ننڍي توڙي وڏي ڪوڙ کان پرهيز ڪيو توڙي سچ ۾ هجي يا کل يوڳ جي صورت ۾.

## ١٣_ مومن کي ڏسڻ عبادت آهي.

نَظَرُ الْمُؤْمِنِ فِي وَجْهِ أَخِيهِ الْمُؤْمِنِ لِلْمَوَدَّةِ وَ الْمَحَبَّةِ لَهُ عِبَادَة.[٥]

---

١. صحيفة الرضا عليہ السلام، ص:٨٦ ؛ متن الصحيفة

٢. الكافي، ج١ ص:٧٠ ؛ باب الاخذ بالسنة و شواهد الكتاب

٣. من لا يحضره الفقيہ، ج٢ ص:٢٠٨ ؛ باب فضائل الحج

٤. إرشاد القلوب إلي الصواب، ج١ ص:١٧٨ ؛ الباب الحادي و الخمسون

٥. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٢٨٢ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

هڪ مومن جو پنهنجي ڀائي مومن ڏانهن پيار ۽محبت واري نگاهه
ڪرڻ عبادت آهي.

### ۱۴_ تقويٰ سان گڏ ڪو به عمل گهٽ نہ هوندو آهي.

لَا يَقِلُّ عَمَلٌ مَعَ تَقْوَى وَ كَيْفَ يَقِلُّ مَا يُتَقَبَّل.[۱]

تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي هوندي ڪو بہ عمل گهٽ نہ هوندو آهي، ۽ اهو
عمل ڪيئن گهٽ ٿي سگهي ٿو جنهن کي خدا قبول ڪري.

[۱]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:۲۷۸ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

# حضرت امام محمد باقر

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## امام محمد باقر (ع) جون چوڏهن حديثون:

### ١_ سلام، خدا جي نالن منجهان آهي.

السَّلَامَ: اسْمٌ مِنْ أَسْمَاءِ اللَّهِ تَعَالَى.[١]

سلام خدا جي نالن منجهان هڪ نالو آهي.

### ٢_ امام حسين (ع) جو قاتل حرامي هيو.

كَانَ قَاتِلُ يَحْيَى بْنِ زَكَرِيَّا وَلَدَ زِنًا وَ قَاتِلُ الْحُسَيْنِ بْنِ عَلِيٍّ ع وَلَدَ زِنًا وَ لَمْ تَحْمَرَّ السَّمَاءُ إِلَّا لَهُمَا.[٢]

حضرت يحيىٰ بن زڪريا (ع) جو قاتل حرامزادو (حرامي) هو ۽ حضرت امام حسين (ع) جو قاتل پڻ حرامي هو، ۽ آسمان انهن ٻن هستين جي شهادت کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ به سُرخ نه ٿيو هو. (آسمان فقط انهن ٻنهي جي شهادت تي ڳريو ڪيو هيو).

### ٣_ وصيت حق آهي.

الْوَصِيَّةُ حَقٌّ وَ قَدْ أَوْصَى رَسُولُ اللَّهِ ص فَيَنْبَغِي لِلْمُسْلِمِ أَنْ يُوصِي.[٣]

وصيت حق آهي، رسول خدا (ص) به وصيت ڪئي هئي، ان ڪري هر مسلمان کي گهرجي ته وصيت ڪري.

### ٤_ ڏکئي ۾ ڏکي عبادت.

إِنَّ أَشَدَّ الْعِبَادَةِ الْوَرَعُ.[٤]

سيني عبادتن مان وڌيڪ سخت عبادت پرهيزگاري آهي.

### ٥_ الله جا ڏينهن، ٽي آهن.

أَيَّامُ اللَّهِ ثَلَاثَةٌ يَوْمُ يَقُومُ الْقَائِمُ وَ يَوْمُ الْكَرَّةِ وَ يَوْمُ الْقِيَامَةِ.[٥]

---

١. الاربعون حديثا، ص:٥٠ ؛ الحديث الثاني و العشرون

٢. الارشاد في معرفة حجج الله على العباد، ج٢ ص:١٣٢ ؛ فصل في فضائل الإمام الحسين و مناقبه

٣. من لا يحضره الفقيه، ج٤ ص:١٨١ ؛ باب في الوصية أنها حق علي كل مسلم

٤. الكافي، ج٢ ص:٧٧ ؛ باب الورع

٥. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج٢ ص:٣٩٢ ؛ مجلس في ذكر الاوقات و ما يتعلق بها

ايامُ الله(الله جا ڏينهن) تي آهن: هڪ اهو جنهن ڏينهن قائم (آل محمد ص) قيام ڪندو، ٻيو رِجعت وارو ڏينهن ۽ ٽيون قيامت جو ڏينهن.

### ٦_شراب جي حرام هجڻ جو راز.

حَرَّمَ اللَّهُ عَزَّ وَ جَلَّ الْخَمْرَ لِفِعْلِهَا وَ فَسَادِهَا.[1]

خدا شراب کي ان ڪري حرام ڪيو آهي جو هو (انسان کي) مست ڪري ڇڏي ٿو ۽ تباهي ۽ بربادي جو سبب بڻجي ٿو.

### ٧_ٽي بهترين عمل.

ثَلَاثَةٌ مِنْ أَفْضَلِ الْأَعْمَالِ شُبْعَةُ جَوْعَةِ الْمُسْلِمِ وَ تَنْفِيسُ كُرْبَتِهِ وَ تَكْسُوَ عَوْرَتَه.[2]

ٽي شيون بهترين ۽ تمام وڏي فضيلت واري عملن منجهان آهن (١) ڪنهن بکايل مسلمان کي کاڌو کارائڻ .(٢) سندس مشڪل آسان ڪرڻ . (٣) (جيڪڏهن لباس نہ هجيس تہ) ڪيس ڪپڙا پارائڻ.

### ٨_پنج شيون اسلام جو بنياد

بُنِيَ الْإِسْلَامُ عَلَى خَمْسَةِ أَشْيَاءَ عَلَى الصَّلَاةِ وَ الزَّكَاةِ وَ الْحَجِّ وَ الصَّوْمِ وَ الْوَلَايَة.[3]

اسلام جي بنياد پنجن شين تي ٻڌل آهي:نماز،زڪات،حج،روزو ۽ ولايت.

### ٩_عاشورا جو ڏينهن امام مهدي (عج) جي ظهور جو ڏينهن.

يَخْرُجُ الْقَائِمُ ع يَوْمَ السَّبْتِ يَوْمَ عَاشُورَاءَ يَوْمَ الَّذِي قُتِلَ فِيهِ الْحُسَيْنُ ع.[4]

قائم (امام مهدي ) (عج) ڇنڇر جي ڏينهن جيڪو عاشورا جو ڏينهن هوندو ظهور ڪندا، اهو ڏينهن جنهن ۾ امام حسين (ع) کي شهيد ڪيو ويو هو.

---

[1]. من لا يحضره الفقيه، ج٣ ص:٥٦٧ ؛ باب معرفة الكبائر التي أوعد الله عز و جل عليها النار

[2]. مصادقة الإخوان، ص:٤٤ ؛ باب إطعام الإخوان

[3]. من لا يحضره الفقيه، ج٢ ص:٧٤ ؛ باب فضل الصيام

[4]. كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٦٥٤ ؛ باب٥٧

## ١٠_ چار فضيلت واريون مسجدون.

الْمَسَاجِدُ الْأَرْبَعَةُ الْمَسْجِدُ الْحَرَامُ- وَ مَسْجِدُ الرَّسُولِ ص- وَ مَسْجِدُ بَيْتِ الْمَقْدِسِ- وَ مَسْجِدُ الْكُوفَةِ يَا أَبَا حَمْزَةَ الْفَرِيضَةُ فِيهَا تَعْدِلُ حَجَّةً وَ النَّافِلَةُ تَعْدِلُ عُمْرَةَ.[1]

اي ابو حمزه! انهن چئن مسجدن _مسجد الحرام.مسجد النبي،مسجد بيت المقدس،مسجد ڪوفہ _ ۾ هڪ واجب نماز پڙهڻ جو ثواب هڪ حج ڪرڻ جي برابر آهي ۽ هڪ سنت نماز پڙهڻ جو ثواب هڪ عمرو ڪرڻ جي برابر آهي.

## ١١_ رڪوع ۽ سجدي جو طريقو.

إِذَا أَرَدْتَ أَنْ تَرْكَعَ وَ تَسْجُدَ فَارْفَعْ يَدَيْكَ وَ كَبِّرْ ثُمَّ ارْكَعْ وَ اسْجُدْ.[2]

جڏهن تون رڪوع ۽ سجدو ڪرڻ چاهين تہ پنهنجي هٿن کي بلند ڪر ۽ الله اڪبر چئو، پوءِ رڪوع يا سجدو ڪر.

## ١٢_ اهل بيت (ع) سان محبت ايمان ۽ دشمني ڪُفر آهي.

حُبُّنَا إِيمَانٌ وَ بُغْضُنَا كُفْرٌ.[3]

اسان اهل بيت ع) جي محبت ايمان ۽ اسان سان ڪينو رکڻ ڪُفر آهي.

## ١٣_ اهل بيت (ع) جو ذڪر خدا جو ذڪر آهي.

إِنَّ ذِكْرَنَا مِنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَ ذِكْرَ عَدُوِّنَا مِنْ ذِكْرِ الشَّيْطَانِ.[4]

اسان جو ذڪر خدا جو ذڪر آهي، ۽ اسان جي دشمنن جو ذڪر شيطان جو ذڪر آهي.

---

[1]. من لا يحضره الفقيہ، ج١ ص:٢٢٩ ؛ باب فضل المساجد و حرمتها و ثواب من صلیٰ فيها

[2]. الكافي، ج٣ ص:٣٢٠ ؛ باب الركوع و ما يقال فيہ

[3]. الكافي، ج١ ص:١٨٨ ؛ باب فرض طاعة الأئمة ع

[4]. عدة الداعي و نجاح الساعي، ص:٢٥٦ ؛ فصل و لا ينبغي أن يخلو للانسان مجلس عن ذكر الله و يقوم منہ بغير ذكر

## ۱۴_ شراب پيئڻ جو نتيجو.

مَنْ شَرِبَ الْخَمْرَ لَمْ تُقْبَلْ صَلَاتُهُ أَرْبَعِينَ يَوْماً فَإِنْ تَرَكَ الصَّلَاةَ فِي هَذِهِ الْأَيَّامِ ضُوعِفَ عَلَيْهِ الْعَذَابُ لِتَرْكِ الصَّلَاةِ.[١]

جيڪو ماڻهو شراب پيئي تو ته چاليهه ڏينهن تائين سندس نماز ڪي قبول نتو ڪيو وڃي، ۽ جيڪڏهن انهن چاليهه ڏينهن ۾ نماز ڪي ڇڏي ڏئي ته ڪيس ٻيڻو عذاب ڏنو ويندو..

[١]. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج٢ ص:٤٦٤ ؛ مجلس في ذكر الخمر و الربا

# حضرت امام جعفر صادق

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ سڀ کان پهرين نماز جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

أَوَّلُ مَا يُحَاسَبُ بِهِ الْعَبْدُ عَلَى الصَّلَاةِ فَإِذَا قُبِلَتْ قُبِلَ مِنْهُ سَائِرُ عَمَلِهِ وَ إِذَا رُدَّتْ عَلَيْهِ رُدَّ عَلَيْهِ سَائِرُ عَمَلِه.[١]

(خدا جي بارگاهه ۾) سڀ کان پهرين نماز جو حساب ڪيو ويندو،جيڪڏهن نماز قبول ٿي وئي ته باقي سڀ عمل پڻ قبول ٿي ويندا، پر جيڪڏهن نماز قبول نه ڪئي وئي ته ٻيا عمل به قبول نه ڪيم ويندا

## ٢_ ڦڻي ڏيڻ جا آثار.

مَشْطُ الرَّأْسِ يَذْهَبُ بِالْوَبَاءِ وَ مَشْطُ اللِّحْيَةِ يَشُدُّ الْأَضْرَاس.[٢]

متي جي وارن کي ڦڻي ڏيڻ وبا جي بيماري جي نابودي جو سبب آهي ۽ ڏاڙهي کي ڦڻي ڏيڻ سان ڏندن جون پاڙون مضبوط ٿين ٿيون.

## ٣_ ايمان جي مڪمل ٿيڻ جون شرطون.

لَا يَكْمُلُ إِيمَانُ عَبْدٍ مُؤْمِنٍ حَتَّى يَكُونَ فِيهِ أَرْبَعُ خِصَالٍ يُحَسِّنُ خُلُقَهُ وَ يُصْلِحُ نَفْسَهُ وَ يُمْسِكُ الْفُضُولَ مِنْ قَوْلِهِ وَ يُخْرِجُ الْفَضْلَ عَنْ مَالِه.[٣]

انسان جو ايمان چئن خصلتن کان بغير ڪامل نٿو ٿي سگهي ، سٺو اخلاق، پنهنجي نفس کي گهٽ سمجهڻ ۽ ان جي اصلاح ڪرڻ، پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکڻ ۽ پنهنجي مال ۽ دولت منجهان (الله ۽ ماڻهن جا حق ادا ڪرڻ).

## ٤_ چار شيون انبياء جي اخلاق منجهان آهن.

أَرْبَعَةٌ مِنْ أَخْلَاقِ الْأَنْبِيَاءِ ع الْبِرُّ وَ السَّخَاءُ وَ الصَّبْرُ عَلَى النَّائِبَةِ وَ الْقِيَامُ بِحَقِّ الْمُؤْمِن.[٤]

---

[١]. من لا يحضره الفقيه، ج١ ص:٢٠٨ ؛ باب فضل الصلاة

[٢]. مكارم الاخلاق، ص:٧٠ ؛ الفصل الثالث في تسريح الرأس و اللحية

[٣]. إرشاد القلوب إلي الصواب، ج١ ص:١٩٥ ؛ الباب الثاني و الخمسون في أحاديث منتخبة

[٤]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣٧٥ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني

چار شيون انبياء جي پسنديده اخلاق منجهان آهن: نيڪي، سخاوت، مصيبت جي وقت صبر ڪرڻ ۽ مومنن جي درميان حق ۽ عدالت کي قائم ڪرڻ.

## ۵ _ گناهه جو اثر.

إِنَّ الرَّجُلَ يُذْنِبُ الذَّنْبَ فَيُحْرَمُ صَلَاةَ اللَّيْلِ وَ إِنَّ الْعَمَلَ السَّيِّئَ أَسْرَعُ فِي صَاحِبِهِ مِنَ السِّكِّينِ فِي اللَّحْمِ.[١]

ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي گناهه ڪرڻ جي ڪري نماز شب کان محروم ٿي وڃن ٿا، بيشڪ انسان جي روح ۾ گناهه جو اثر گوشت ۾ چاقو جي اثر کان به وڌيڪ تيز هوندو آهي.

## ٦ _ حجتِ خدا جي وُسعت.

إِنَّ لِلَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ اثْنَيْ عَشَرَ أَلْفَ عَالَمٍ كُلُّ عَالَمٍ مِنْهُمْ أَكْبَرُ مِنْ سَبْعِ سَمَاوَاتٍ وَ سَبْعِ أَرَضِينَ مَا تَرَى عَالَمٌ مِنْهُمْ أَنَّ لِلَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ عَالَماً غَيْرَهُمْ وَ أَنَا الْحُجَّةُ عَلَيْهِمْ.[٢]

بيشڪ الله تعالىٰ جي لاءِ ٻارهن هزار جهان آهن، انهن منجهان هر هڪ جهان ستن آسمانن ۽ ستن زمينن کان وڌو آهي، ۽ انهن منجهان ڪو به جهان اهو نٿو ڄاڻي ته خدا ان کان علاوه ڪو ٻيو جهان به خلقيو آهي، ۽ آئون انهن سيني جهانن تي (الله جي طرف کان) حجت آهيان.

## ۷ _ منافق جون ٽي نشانيون.

ثَلَاثٌ مَنْ كُنَّ فِيهِ فَهُوَ مُنَافِقٌ وَ إِنْ صَامَ وَ صَلَّى مَنْ إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَ إِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ وَ إِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ.[٣]

جنهن به انسان ۾ ٽي خصلتون هجن اهو منافق آهي پوءِ چاهي نماز به پڙهندو هجي ۽ روزا پڻ رکندو هجي، (١) جيڪڏهن ڳالهائي ٿو ته ڪوڙ ڳالهائي ٿو، (٢) جيڪڏهن وعدو ڪري ٿو ته ان جي خلاف ورزي ڪري ٿو (٣) جيڪڏهن ڪيس امانت ڏني وڃي ٿي ته ان ۾ خيانت ڪري ٿو.

---

١. بحار الانوار، ج٠٧ ص:٣٣٠ ؛ باب ١٣٧

٢. الخصال، ج٢ ص:٦٣٩ ؛ من روي أن لله عز و جل اثني عشر ألف عالم

٣. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣١٦ ؛ و من كلامه ع سماه بعض الشيعة نثر الدرر

### ٨ـ ڀلي حڪمران جون علامتون.

أَفْضَلُ الْمُلُوكِ مَنْ أُعْطِيَ ثَلَاثَ خِصَالٍ الرَّأْفَةَ وَ الْجُودَ وَ الْعَدْلَ.[١]

بهترين بادشاهه اهو شخص آهي جنهن ۾(هي) ٽي خصلتون هجن: مهرباني، سخاوت ۽ عدالت.

### ٩ـ ڪافر جي سڃاڻپ.

مَنْ شَكَّ فِي كُفْرِ أَعْدَائِنَا وَ الظَّالِمِينَ لَنَا فَهُوَ كَافِرٌ.[٢]

جيڪو انسان اسان جي دشمنن ۽ جن اسان تي ظلم ڪيا آهن تن جي ڪُفر ۾ شڪ ڪري اهو (پاڻ) ڪافر آهي.

### ١٠ـ جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

بَرُّوا آبَاءَكُمْ يَبَرَّكُمْ أَبْنَاؤُكُمْ وَ عِفُّوا عَنْ نِسَاءِ النَّاسِ تُعَفَّ عَنْ نِسَائِكُمْ.[٣]

پنهنجي وڏن (ابن ڏاڏن ۽ والدين) سان نيڪي ڪريو تہ جيئن (سياڻي) توهان جي اولاد توهان سان نيڪي ڪري، ۽ ٻين جي عورتن کان پري رهو تہ جيئن (ٻيا ماڻهو) توهان جي عورتن کان پري رهن.

### ١١ـ بيبي فاطمہ (س) جو حق مَهر.

إِنَّ اللَّهَ تَعَالَى مَهَرَ فَاطِمَةَ رُبُعَ الدُّنْيَا فَرُبُعُهَا لَهَا وَ مَهْرُهَا الْجَنَّةُ وَ النَّارُ فَتُدْخِلُ أَوْلِيَاءَهَا الْجَنَّةَ وَ أَعْدَاءَهَا النَّارَ.[٤]

الله تعالي زمين جي چوٿين حصي کي حضرت فاطمہ زهرا (س) جو حق مَهر قرار ڏنو آهي، بس زمين جو چوٿون حصو بيبي فاطمہ زهرا (س) جو آهي، ۽ جنت ۽ جهنم کي بہ خدا جناب فاطمہ زهرا (س) جو حق مَهر قرار ڏنو آهي، تنهن ڪري بيبي پنهنجي حبدارن ۽ دوستن کي جنت ۾ ۽ پنهنجي دشمنن کي جهنم ۾ داخل ڪندي.

---

[١]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣١٩ ؛ و من ڪلامہ ع سماه بعض الشيعة نثر الدرر

[٢]. اعتقادات الامامية و تصحيح الاعتقاد، ج١ ص:١٠٤ ؛ باب الاعتقاد في الظالمين

[٣]. أمالي الصدوق، ص:٢٨٨ ؛ المجلس الثامن و الاربعون

[٤]. بحار الانوار، ج٤٣ ص:١١٣ ؛ باب ٥

### ١٢_ چئن شين جو انڪاري شيعو نہ آهي.

لَيْسَ مِنْ شِيعَتِنَا مَنْ أَنْكَرَ أَرْبَعَةَ أَشْيَاءَ الْمِعْرَاجَ وَ الْمُسَاءَلَةَ فِي الْقَبْرِ وَ خَلْقَ الْجَنَّةِ وَ النَّارِ وَ الشَّفَاعَةَ.[١]

جيڪو ماڻهو چئن شين جو انڪار ڪندو هجي اهو اسان جو شيعو نہ آهي: معراج، قبر ۾ سوال ٿيڻ، جنت ۽ جهنم جوخلق ٿيڻ ۽ شفاعت.

### ١٣_ سخي انسان جي نشاني.

السَّخِيُّ الْكَرِيمُ الَّذِي يُنْفِقُ مَالَهُ فِي حَق.[٢]

سخي ۽ ڪريم انسان اهو آهي جيڪو پنهنجي مال ۽ ملڪيت کي حق جي راهہ ۾ خرچ ڪري ٿو، (يعني خدا جي فرمان مطابق خرچ ڪري ٿو).

### ١۴_ ائمہ (ع) جي زيارت جو ثواب.

مَنْ زَارَ إِمَاماً مِنَ الْأَئِمَّةِ وَ صَلَّى عِنْدَهُ أَرْبَعاً كُتِبَتْ لَهُ حِجَّةٌ وَ عُمْرَةٌ.[٣]

جيڪو (بہ شخص) امامن مان ڪنهن بہ هڪ امام جي زيارت ڪري ان جي بارگاهہ ۾چار رڪعت نماز پڙهي تہ ان کي حج ۽ عمري جو ثواب ڏنو ويندو

[١]. بحار النوار، ج٦٦ ص:٩ ؛ باب ٢٨

[٢]. بحار الانوار، ج٦٨ ص:٣٥٦ ؛ باب ٨٧

[٣]. جامع الاخبار، ص:٢٧ ؛ الفصل الثاني عشر في زيارة علي بن الحسين و

# حضرت امام موسیٰ کاظم

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ عقل ۽ فڪر جي ڪمال جي علامت.

دَلِيلُ الْعَقْلِ التَّفَكُّرُ وَ دَلِيلُ التَّفَكُّرِ الصَّمْتُ.[١]

عقل جي علامت غور وفڪر ڪرڻ آهي ۽ فڪر جي سڃاڻپ خاموشي آهي.

## ٢_ هميشه حق چوڻ گهرجي.

قُلِ الْحَقَّ – وَ إِنْ كَانَ فِيهِ هَلَاكُكَ فَإِنَّ فِيهِ نَجَاتَكَ وَ دَعِ الْبَاطِلَ وَ إِنْ كَانَ فِيهِ نَجَاتُكَ– فَإِنَّ فِيهِ هَلَاكَكَ.[٢]

هميشه حق چئو توڙي جو ان ۾ تنهنجي هلاڪت هجي،ڇو جو انهي ئي ۾ تنهنجي نجات آهي، ۽ باطل کي ڇڏي ڏئي،توڙي جو ان ۾تنهنجي نجات هجي ڇو جو انهي ئي ۾ تنهنجي هلاڪت آهي.

## ٣_ خُمس.

قَالَ لِي هَارُونُ أَ تَقُولُونَ إِنَّ الْخُمُسَ لَكُمْ قُلْتُ نَعَمْ قَالَ إِنَّهُ لَكَثِيرٌ قَالَ قُلْتُ إِنَّ الَّذِي أَعْطَانَاهُ عَلِمَ أَنَّهُ لَنَا غَيْرُ كَثِيرٍ.[٣]

امام موسیٰ ڪاظم فرمايو: هارون مونکي چيو تہ توهان چئو ٿا تہ خُمس توهان جي لاءِ آهي؟ مون چيو: ها، هارون چيو: اهو تہ تمام گهڻو آهي، مون چيو: اها هستي جنهن خمس اسان کي عطاء ڪيو آهي اهو ڄاڻي ٿو تہ اهو اسان لاءِ گهڻو نہ آهي.

## ۴_ الله جي رحمت جا شرط

إِنَّ أَهْلَ الْأَرْضِ لَمَرْحُومُونَ مَا تَحَابُّوا وَ أَدَّوُا الْأَمَانَةَ وَ عَمِلُوا بِالْحَقِ.[٤]

زمين تي رهڻ وارا ان وقت تائين رحمت جا مستحق آهن جيستائين انهن جي درميان محبت آهي،۽ اهي امانت ادا ڪندا رهن ۽ حق تي عمل ڪندا رهن.

---

١. بحار الانوار، ج٦٨ ص:٣٠٦ ؛ باب٧٨
٢. مشڪاة الانوار في غرر الاخبار، ص:٦٩ ؛ الفصل الثالث في آداب الشيعة
٣. بحار الانوار، ج٤٨ ص:١٥٨ ؛ باب٦
٤. مشڪاة الانوار في غرر الاخبار، ص:٥٢ ؛ الفصل الرابع عشر في أداء الأمانة

## ۵_خوبصورتي جوراز.

أَلْقُوا الشَّعْرَ عَنْكُمْ فَإِنَّهُ يُحَسِّنُ.[١]

امام موسیٰ ڪاظم (ع) فرمائن ٿا:پنهنجا وار وڏا رکو ڇو جو (وڏا وار) حُسن ۽ خوبصورتي جو سبب هوندا آهن.

## ٦_ديوانگيءَ جاٿي سبب.

إِنَّ ثَلَاثَةً يُتَخَوَّفُ مِنْهُنَّ الْجُنُونُ، التَّغَوُّطُ بَيْنَ الْقُبُورِ وَ الْمَشْيُ فِي خُفٍّ وَاحِدٍ وَ الرَّجُلُ يَنَامُ وَحْدَه.[٢]

ٽن ماڻهن مان ديوانگيءَ جو خوف آهي:قبرن جر وچ ۾ قضاء حاجت ڪرڻ، هڪ پير ۾ جوتو پائي هلڻ ۽ اڪيلوسمهڻ وارو.

## ۷_ٽي شخص جن تي رسول(ص) لعنت ڪئي آهي.

لَعَنَ رَسُولُ اللَّهِ ص ثَلَاثَةً الْآكِلَ زَادَهُ وَحْدَهُ وَ النَّائِمَ فِي بَيْتٍ وَحْدَهُ وَ الرَّاكِبَ فِي الْفَلَاةِ وَحْدَه.[٣]

رسول خدا (ص) ٽن ماڻهن تي لعنت ڪئي آهي: اهو شخص جيڪو اڪيلو کاڌو کائي،اهو شخص جيڪو گهر ۾ اڪيلو سمهي ٿو ۽ اهو ماڻهو جيڪو بيابان ۽ صحراء ۾ اڪيلو سفر ڪري ٿو.

## ۸_مومن جون پنج علامتون

الْمُؤْمِنُ لَا يَخْلُو مِنْ خَمْسَةٍ مِسْوَاكٍ وَ مُشْطٍ وَ سَجَّادَةٍ وَ سُبْحَةٍ فِيهَا أَرْبَعٌ وَ ثَلَاثُونَ حَبَّةً وَ خَاتَمُ عَقِيقٍ.[٤]

مؤمن پنجن شين کان خالي نہ هوندو آهي.ڏندڻ،ڦڻي،مُصَلُّو،٣٤ داڻن واري تسبيح ۽ عقيق جي منڊي.

## ۹_دنياءِ نانگ.

إِنَّ مَثَلَ الدُّنْيَا مَثَلُ الْحَيَّةِ مَسُّهَا لَيِّنٌ وَ فِي جَوْفِهَا السَّمُّ الْقَاتِلُ يَحْذَرُهَا الرِّجَالُ ذَوُو الْعُقُولِ وَ يَهْوِي إِلَيْهَا الصِّبْيَانُ بِأَيْدِيهِم.[١]

---

١. مڪارم الاخلاق، ص:٧٠ ؛ الفصل الثالث في تسريح الرأس و اللحية
٢. مشكاة الانوار في غرر الاخبار، ص:٣١٩ ؛ الفصل السابع في الخصال المنهي عنها
٣. مڪارم الاخلاق، ص:٢٥٩ ؛ في كراهية الوحدة في السفر
٤. مڪارم الاخلاق، ص:٢٨١ ؛ في الادعية المخصوصة باعقاب الفرائض

دنيا هڪ نانگ وانگر آهي جيڪو هٿ لائڻ سان تہ تمام نرم ڏسجي ٿو پر ان جي اندر زَهرِ قاتل هوندو آهي،عقلمند ماڻهو ان کان ڊڄن ٿا پر ٻار پنهنجي هٿن کي ان ڏانهن وڌائن ٿا.

## ١٠_جسم جي زڪوات.

لِكُلِّ شَيْءٍ زَكَاةٌ وَ زَكَاةُ الْجَسَدِ صِيَامُ النَّوَافِلِ.[٢]

هر شيءِ جي زڪوات هوندي آهي ۽ جسم جي زڪوات مستحب روزو آهي.

## ١١_حياء ۽ بي شرمي.

الْحَيَاءُ مِنَ الْإِيمَانِ وَ الْإِيمَانُ فِي الْجَنَّةِ وَ الْبَذَاءُ مِنَ الْجَفَاءِ وَ الْجَفَاءُ فِي النَّارِ.[٣]

حياء ايمان منجهان آهي،ايمان ٺڪاڻو جنت آهي، ۽ بي شرمي جفا(ظلم آهي ۽ جفا (ظلم) جي ٺڪاڻو دوزخ ۾ آهي.

## ١٢_الله جي قرب جو وسيلو.

صَلَاةُ النَّوَافِلِ قُرْبَانٌ إِلَى اللَّهِ لِكُلِّ مُؤْمِنٍ.[٤]

مستحب نماز هر مومن جي لاءِ خدا جو تقرب حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي.

## ١٣_ضعيفن جو جهاد.

الْحَجُّ جِهَادُ كُلِّ ضَعِيفٍ.[٥]

حج ضعيف ۽ ڪمزور ماڻهن جو جهاد آهي.

## ١۴_نعمت جو شڪر ادا نہ ڪرڻ جو انجام.

إِنَّ كُلَّ نِعْمَةٍ عَجَزْتَ عَنْ شُكْرِهَا بِمَنْزِلَةِ سَيِّئَةٍ تُؤَاخَذُ بِهَا.[٦]

هراها نعمت جنهن جو شڪر ادا نہ ڪري سگهين ان گناهہ وانگر آهي جنهن جي باري ۾ تو کان پڇيو ويندو.

---

[١]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣٩٦ ؛ وصيتہ ع لهشام و صفتہ للعقل
[٢]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٢٦ ؛ باب٢٥
[٣]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣٩٤ ؛ وصيتہ ع لهشام و صفتہ للعقل
[٤]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٢٦ ؛ باب٢٥
[٥]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٠٣ ؛ و من حكمہ ع
[٦]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٣٩٤ ؛ وصيتہ ع لهشام و صفتہ للعقل

# حضرت امام عليٖ رضا

## (عليه السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ عقل ۽ جهالت.

صَدِيقُ كُلِّ امْرِئٍ عَقْلُهُ وَ عَدُوُّهُ جَهْلُه.[١]

هر انسان جي عقل ان جو دوست ۽ هر انسان جي جهالت ان جو دشمن هوندي آهي.

## ٢_ مشرڪ، ڪافر ۽ ڪوڙو ماڻهو.

مَنْ شَبَّهَ اللَّهَ بِخَلْقِهِ فَهُوَ مُشْرِكٌ وَ مَنْ وَصَفَهُ بِالْمَكَانِ فَهُوَ كَافِرٌ وَ مَنْ نَسَبَ إِلَيْهِ مَا نَهَى عَنْهُ فَهُوَ كَاذِبٌ

جنهن خداوند متعال کي سندس مخلوق سان تشبيهه ڏني اهو مشرڪ آهي، جنهن خدا جي مڪان وصف ڪئي اهو ڪافر آهي ۽ جنهن ان شيءِ جي خدا ڏانهن نسبت ڏني جنهن جي ڪائنس نفي ڪئي وئي آهي ته اهو ڪوڙو آهي.

## ٣_ قرآن ڪلام خدا آهي.

الْقُرْآنُ كَلَامُ اللَّهِ لَا تَتَجَاوَزُوهُ وَ لَا تَطْلُبُوا الْهُدَى فِي غَيْرِهِ فَتَضِلُّوا.[٢]

قرآن الله پاڪ جو ڪلام آهي ان کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش نه ڪريو ۽ ان کان علاوه ڪنهن بي شيءِ ۾ هدايت کي نه ڳوليو ،نه ته گمراهه ٿي ويندؤ.

## ۴_ وڏي ڀاءُ جي عظمت

الْأَخُ الْأَكْبَرُ بِمَنْزِلَةِ الْأَب.[٣]

وڏو ڀاءُ پيءُ جي جاءِ تي آهي.

## ۵_ صلوات جي عظمت.

مَنْ لَمْ يَقْدِرْ عَلَى مَا يُكَفِّرُ بِهِ ذُنُوبَهُ فَلْيُكْثِرْ مِنَ الصَّلَاةِ عَلَى مُحَمَّدٍ وَ آلِهِ فَإِنَّهَا تَهْدِمُ الذُّنُوبَ هَدْماً وَ قَالَ الصَّلَاةُ عَلَى مُحَمَّدٍ وَ آلِهِ تَعْدِلُ عِنْدَ اللَّهِ عَزَّ وَ جَلَّ التَّسْبِيحَ وَ التَّهْلِيلَ وَ التَّكْبِيرِ.[٤]

---

١. بحار الانوار، ج١ ص:٨٧ ؛ باب ١
٢. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج١ ص:٣٨
٣. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٢ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
٤. عيون أخبار الرضا عليه السلام، ج١ ص:٢٩٤ ؛ باب٢٨

جيڪو شخص پنهنجي گناهن جو ڪفارو ڏيڻ جي سگهه نہ رکندو هجي تہ ان کي گهرجي تہ حضرت محمد (ص) ۽ سندن اهل بيت (ع) تي ڪثرت سان صلوات پڙهي، ڇو جو صلوات گناهن جي پاڙ پٽي ٿي، محمد ۽ آل محمد (ص) تي صلوات موڪلڻ خدا جي وٽ تسبيح (سبحان اللهؐ) ۽ تهليل (لا الہ الا الله) ۽ تڪبير (الله اڪبر) جي برابر آهي.

## ٦_آل رسول (عليهم السلام) ڪي ڏسڻ عبادت آهي.

النَّظَرُ إِلَى ذُرِّيَّتِنَا عِبَادَةٌ فَقِيلَ لَهُ يَا ابْنَ رَسُولِ اللَّهِ إِلَى الْأَئِمَّةِ مِنْكُمْ عِبَادَةٌ أَمِ النَّظَرُ إِلَى جَمِيعِ ذُرِّيَّةِ النَّبِيِّ ص فَقَالَ بَلِ النَّظَرُ إِلَى جَمِيعِ ذُرِّيَّةِ النَّبِيِّ ص مَا لَمْ يُفَارِقُوا مِنْهَا وَ لَمْ يَتَلَوَّثُوا بِالْمَعَاصِي.[١]

اسان جي آل طرف ڏسڻ عبادت آهي، پڇيو ويو تہ: اي فرزند رسول خدا(ص)! ڇا توهان منجهان فقط اهي هستيون جيڪي امام آهن انهن کي ڏسڻ عبادت آهي يا سيني آل رسول کي ڏسڻ؟ امام(ع) فرمايو: رسول خدا (ص) جي تمام ذريت جي طرف ڏسڻ (عبادت آهي)، جيستائين انهن منجهان ڪو (خاندان اهل بيت ) کان جدا نہ ٿي وڃي ۽ ڪنهن گناهہ جو مرتڪب نہ ٿي وڃي.

## ٧_وليمو، سنت رسول الله ص آهي.

مِنَ السُّنَّةِ إِطْعَامُ الطَّعَامِ عِنْدَ التَّزْوِيجِ.[٢]

شاديءَ وقت ماڻهن کي کاڌو کارائڻ (وليمو ڪرڻ) سنت آهي.

## ٨_مومن ۽ مسلمان.

الْمُؤْمِنُ الَّذِي إِذَا أَحْسَنَ اسْتَبْشَرَ وَ إِذَا أَسَاءَ اسْتَغْفَرَ وَ الْمُسْلِمُ الَّذِي يَسْلَمُ الْمُسْلِمُونَ مِنْ لِسَانِهِ وَ يَدِهِ، لَيْسَ مِنَّا مَنْ لَمْ يَأْمَنْ جَارُهُ بَوَائِقَهُ.[٣]

مؤمن اهو آهي جيڪو اگر نيڪي ڪري تہ خوش ٿئي ۽ اگر ڪوگناهہ ڪري تہ توبہ ڪري، ۽ مسلمان اهو آهي جنهن جي زبان

١. روضة الواعظين و بصيرة المتعظين، ج٢ ص:٢٧٣ ؛ مجلس في مناقب آل محمد ع
٢. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٥ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
٣. عيون أخبار الرضا عليه السلام، ج٢ ص:٢٤ ؛ باب٣١

۾ هٿ ڪان ٻيا مسلمان امان ۾ رهن، جنهن شخص جي ڏانهن ڪان سندس پاڙي وارا امان ۾ نہ هجن اهو اسان منجهان ناهي.

## ٩_ حڪمت جو دروازو آهي.

إِنَّ الصَّمْتَ بَابٌ مِنْ أَبْوَابِ الحِكْمَةِ.[١]

خاموشي حڪمت جي دروازن منجهان هڪ در آهي.

## ١٠_ بهترين صدقو.

عَوْنُكَ لِلضَّعِيفِ مِنْ أَفْضَلِ الصَّدَقَة.[٢]

تنهجو ڪنهن ضعيف جي مدد ڪرڻ بهترين صدقو آهي.

## ١١_ سخي ۽ ڪنجوس جو فرق

السَّخِيُّ يَأْكُلُ مِنْ طَعَامِ النَّاسِ لِيَأْكُلُوا مِنْ طَعَامِهِ وَ الْبَخِيلُ لَا يَأْكُلُ مِنْ طَعَامِ النَّاسِ لِئَلَّا يَأْكُلُوا مِنْ طَعَامِه.[٣]

سخي ٻين جي کاڌي مان کائيندو آهي تہ جيئن ٻيا پڻ سندس کاڌي منجهان کائن،پر ڪنجوس ٻين جي کاڌي مان بہ نہ ٿو کائي تہ متان ٻيا سندس کاڌي منجهان نہ کائن.

## ١٢_ آدابِ زندگي.

إِذَا ذَكَرْتَ الرَّجُلَ وَ هُوَ حَاضِرٌ فَكَنِّهِ وَ إِذَا كَانَ غَائِباً فَسَمِّه.[٤]

اگر ڪنهن انسان جو ذڪر ڪرين ۽ اهو (تنهنجي سامهون) موجود هجي تہ سندس ڪُنيت وٺي ڪري ڪيس سڏِ ۽ جيڪڏهن موجود نہ هجي تہ ان جو نالو وٺي ڪري ان جو ذڪر ڪر.

## ١٣_ صفائي

مِنْ أَخْلَاقِ الْأَنْبِيَاءِ التَّنَظُّف.[٥]

صفائي نبين جي اخلاق منجهان آهي.

---

١. إرشاد القلوب إلى الصواب، ج١ ص:١٠٢ ؛ الباب السابع و العشرون في الصمت
٢. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٦ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
٣. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٦ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
٤. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٣ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
٥. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٢ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

## ١۴_ ٻچن لاءِ روزي ڪمائڻ

إِنَّ الَّذِي يَطْلُبُ مِنْ فَضْلٍ يَكُفُّ بِهِ عِيَالَهُ أَعْظَمُ أَجْراً مِنَ الْمُجَاهِدِ فِي سَبِيلِ اللَّه.[١]

جيڪو شخص ان ڪري وڌيڪ روزي ڪمائي ٿو تہ جيئن پنهنجي ٻارن جي چڱي نموني ڪفالت ڪري سگهي تہ ان جو اجر ۽ ثواب خدا جي راھ ۾ جهاد ڪندڙ مجاهد کان بہ وڌيڪ آهي.

١. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٤٥ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

# حضرت امام محمد تقي

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

### ١_ حاضر يا غائب جو معيار.

مَنْ شَهِدَ أَمْراً فَكَرِهَهُ كَانَ كَمَنْ غَابَ عَنْهُ وَ مَنْ غَابَ عَنْ أَمْرٍ فَرَضِيَهُ كَانَ كَمَنْ شَهِدَه.[١]

جنهن شخص ڪنهن ڪم کي ڏٺو ليڪن ان ڪان نفرت ڪيائين،اهو ان شخص وانگر آهي جيڪو اتي موجود نہ هجي ۽ جيڪڏهن ڪوشخص ڪنهن ڪم کي نہ ڏسي پر ان تي راضي هجي تہ اهو ان ماڻهو وانگر آهي جنهن ان ڪم کي ڏٺو هجي.

### ٢_ بهترين هديو.

الْعَافِيَةُ أَحْسَنُ عَطَاء.[٢]

سلامتي ۽ تندرستي (خدا جي طرف کان هڪ) بهترين هديوآهي.

### ٣_ تڪڙي اظهار جوانجام.

إِظْهَارُ الشَّيْءِ قَبْلَ أَنْ يُسْتَحْكَمَ مَفْسَدَةٌ لَه.[٣]

ڪنهن بہ ڪم جي پوري ٿيڻ کان پهريان ان جو اعلان ڪرڻ ان جي بربادي جو سبب آهي.

### ۴_ مومن جي عزت .

عِزُّ الْمُؤْمِنِ فِي غِنَاهُ عَنِ النَّاس.[٤]

مومن جي عزت،ان جي ماڻهن کان بي نياز ٿيڻ ۾ آهي.

### ۵_ مومن ڏن شين جومحتاج هوندو آهي.

الْمُؤْمِنُ يَحْتَاجُ إِلَى تَوْفِيقٍ مِنَ اللَّهِ وَ وَاعِظٍ مِنْ نَفْسِهِ وَ قَبُولٍ مِمَّنْ يَنْصَحُه.[٥]

مؤمن، الله جي توفيق، پنهنجي نفس جي تلقين ۽ نصيحت ڪرڻ واري جي نصيحت کي قبول ڪرڻ جو محتاج هوندو آهي.

### ٦_ ڪفران نعمت جو انجام.

نِعْمَةٌ لَا تُشْكَرُ كَسَيِّئَةٍ لَا تُغْفَر.[١]

---

[١] تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٥٦ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
[٢] بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٦٥ ؛ باب٢٧
[٣] تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٥٧ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
[٤] بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٦٥ ؛ باب٢٧
[٥] تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٥٧ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

اها نعمت جنهن جو شُڪر نہ ڪيو وڃي،ان گناھ وانگر آهي جيڪو بخشيو نہ ويندو.

### ۷_ بڇڙو دوست

إِيَّاكَ وَ مُصَاحَبَةَ الشَّرِيرِ – فَإِنَّهُ كَالسَّيْفِ يَحْسُنُ مَنْظَرُهُ وَ يَقْبُحُ أَثَرُه.[2]

بڇڙي دوست ڪان پاسو ڪريو .ڇو جو هو ان تلوار وانگر آهي جنهن جو ظاهر تہ تمام سھڻو هوندو پر اثر تمام برو هوندو آهي.

### ۸_ پھريان خالق ،پوءِ مخلوق.

رِضَا النَّاسِ بَعْدَ رِضَا اللَّه.[3]

ماڻهن خوشنودي خ،الله جي خوشنوديءَ کان پوءِ آهي.

### ۹_ توبہ ۾ دير ڪرڻ

تَأْخِيرُ التَّوْبَةِ اغْتِرَار.[4]

تو بہ ۾ تاخير ڪرڻ غفلت آهي.

### ۱۰_ جنهن کي الله رکي، ان کي ڪير چکي؟

كَيْفَ يُضَيَّعُ مَنِ اللَّهُ كَافِلُه.[5]

جنهن جي سنڀال ڪندڙ الله هجي ،ان کي ڪير تو تباھ ڪير سگهي؟

### ۱۱_ بري نيت رکڻ جو انجام.

مَنْ لَمْ يَرْضَ مِنْ أَخِيهِ بِحُسْنِ النِّيَّةِ لَمْ يَرْضَ بِالْعَطِيَّة.[6]

جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان ڀلي نيت نہ رکندو اهو(ڪنهن بہ)هدئي ۽ بخشش تي راضي نہ رهندو

### ۱۲_ خدا هر وقت ناظر آهي.

اعْلَمْ أَنَّكَ لَنْ تَخْلُوَ مِنْ عَيْنِ اللَّهِ فَانْظُرْ كَيْفَ تَكُون.[1]

---

1. بحار الانوار، ج۷۵ ص:۳٦۵ ؛ باب۲۷
2. بحار الانوار، ج۷۵ ص:۳٦٤ ؛ باب۲۷
3. بحار الانوار، ج۷۵ ص:۳٦۰ ؛ باب۲۷
4. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤۵٦ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
5. بحار الانوار، ج۷۵ ص:۳٦۳ ؛ باب۲۷
6. بحار الانوار، ج۷۵ ص:۳٦٤ ؛ باب۲۷

آگاھ رھو! ھرگز الله جي نظرڪان لڪي نہ ٿو سگھين،تہ پوءِ ڏس تہ ڪھڙي حال ۾ آھين.؟

### ١٣_رسول خدا (ص) جو عورتن کان بيعت وٺڻ جو طريقو.

كَانَتْ مُبَايَعَةُ رَسُولِ اللَّهِ ص النِّسَاءَ أَنْ يَغْمِسَ يَدَهُ فِي إِنَاءٍ فِيهِ مَاءٌ ثُمَّ يُخْرِجُهَا وَ تَغْمِسُ النِّسَاءُ بِأَيْدِيهِنَّ فِي ذَلِكَ الْإِنَاءِ بِالْإِقْرَارِ وَ الْإِيمَانِ بِاللَّهِ وَ التَّصْدِيقِ بِرَسُولِهِ عَلَى مَا أَخَذَ عَلَيْهِن.[٢]

رسول خدا (ص) جو عورتن کان ونڻ جو طريقو ھي ھيو تہ پيغمبر اڪرم (ص) پنھنجي ھٿ مبارڪ کي پاڻي جي پريل ٿانءُ ۾ وجھندا ھئا ۽ باھر ڪيندا ھئا، پوءِ عورتون پاڻي " ھٿ وجھي الله تي ايمان، رسول خدا (ص) جي تصديق ڪنديون ھيون ان عھد مطابق جيڪو انھن کان عھد ورتو ھيو.

### ١۴_تفقہ.

التَّفَقُّهُ ثَمَنٌ لِكُلِّ غَالٍ وَ سُلَّمٌ إِلَى كُلِّ عَال.[٣]

تفقہ (يعني شريعت ۾ شرعي مسئلن جو سڪڻ) ھر قيمتي شيءِ جي قيمت ۾ ھر بلندي ڏانھن وڃڻ جو ڏاڪڻ آھي.

---

[١]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٥٥ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
[٢]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٥٧ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
[٣]. بحار الانوار، ج١ ص:٢١٨ ؛ باب٦

# حضرت امام علي نقي

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ الله سان محبت جي نشاني

مَنْ آنَسَ بِاللَّهِ اسْتَوْحَشَ النَّاسَ– وَ عَلَامَةُ الْأُنْسِ بِاللَّهِ الْوَحْشَةُ مِنَ النَّاسِ.[١]

جنهن الله سان محبت اهو ماڻهن (جي محبت)کان پري ڀڄندو۽ الله سان محبت جي نشاني ماڻهن (جي محبت)کان دوري ڪرڻ آهي

## ٢_ دنيا هڪ بازار آهي.

الدُّنْيَا سُوقٌ رَبِحَ فِيهَا قَوْمٌ وَ خَسِرَ آخَرُون.[٢]

دنيا اها بازار آهي جنهن ۾ هڪ گروهه فائدو حاصل ڪري ٿو ۽ ٻيو خسارو ۽ نقصان.

## ٣_ ڪاوڙ.

الْغَضَبُ عَلَى مَنْ لَا تَمْلِكُ عَجْزٌ وَ عَلَى مَنْ تَمْلِكُ لُؤْمٌ.[٣]

جنهن ماڻهوءَ تي وس نہ پڄي ان تي ڪاوڙ ڪرڻ ڪمزوري آهي ۽ جنهن ماڻهو تي تنهنجو وس پڄي ان تي ڪاوڙ ڪرڻ پستي آهي

## ۴_ شيعہ عالمن جي عظمت.

يَأْتِي عُلَمَاءُ شِيعَتِنَا الْقَوَّامُونَ بِضُعَفَاءِ مُحِبِّينَا وَ أَهْلِ وَلَايَتِنَا يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَ الْأَنْوَارُ تَسْطَعُ مِنْ تِيجَانِهِمْ

اسان جا (اهي) شيعہ علماء جيڪي اسان جي ڪمزور حبدارن ۽ اسان جي ولايت جو اقرار ڪرڻ وارن جي سرپرستي ڪن ٿا، قيامت ڏينهن ان حالت ۾ ايندا جو انهن جي مٿي تي رکيل تاج مان نور جون لاٽون نڪرنديون هونديون.

## ۵_ هڪ نصيحت.

مَنْ جَمَعَ لَكَ وُدَّهُ وَ رَأْيَهُ فَاجْمَعْ لَهُ طَاعَتَكَ.[۴]

جيڪو شخص تو سان دوستي جو دم ڀري ٿو ۽ ڀلو مشورو ڏئي ٿو، تون پنهنجي تمام وجود سان ان جي اطاعت ڪر.

---

[١]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٩ ؛ باب ٢٩

[٢]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٣ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

[٣]. مستدرڪ الوسائل، ج١٢ ص:١١ ؛ باب٥٣

[٤]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٣ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

### ٦_ خودپسنديءَ جو نتيجو.

مَنْ رَضِيَ عَنْ نَفْسِهِ كَثُرَ السَّاخِطُونَ عَلَيْهِ.[1]

جيڪو پنهنجي نفس کان راضي ٿيو،تہ ان کان ناراض ٿيڻ وارن جو تعداد وڌي ويندو.

### ٧_ دنيا۽آخرت.

إِنَّ اللَّهَ جَعَلَ الدُّنْيَا دَارَ بَلْوَى وَ الْآخِرَةَ دَارَ عُقْبَى.[2]

الله سائين دنيا کي آزمايش جوگهر ۽ آخرت کي جزا جو مرڪز قرار ڏنو آهي.

### ٨_ خدا کان ڊڄڻ جو اثر.

مَنِ اتَّقَى اللَّهَ يُتَّقَى وَ مَنْ أَطَاعَ اللَّهَ يُطَاعُ وَ مَنْ أَطَاعَ الْخَالِقَ لَمْ يُبَالِ سَخَطَ الْمَخْلُوقِينَ وَ مَنْ أَسْخَطَ الْخَالِقَ فَلْيَيْقَنْ أَنْ يَحُلَّ بِهِ سَخَطُ الْمَخْلُوقِينَ.[3]

جيڪو الله کان ڊڄندو تہ ماڻهو بہ ان کان ڊڄندا۽ جيڪو الله جي اطاعت ڪندو تہ ان جي بہ اطاعت ڪئي ويندي.جيڪو خالق جي اطاعت ڪندو آهي ان کي مخلوق جي ناراضگي جي ڪا بہ پرواهہ نہ هوندي آهي، ۽ جيڪو خالق کي ناراض ڪندو آهي اهو يقين ڪري تہ مخلوق جي ناراضگيءَ ۾ گرفتار ٿيندو.

### ٩_ ڪنهن کي بہ نا اميد نہ ڪيو.

لَا تُخَيِّبْ رَاجِيَكَ فَيَمْقُتَكَ اللَّهُ وَ يُعَادِيَكَ.[4]

پاڻ مان اميد رکڻ وارن کي نا اميد نہ ڪريو،نہ تہ خدا تو کان ناراض ٿي ويندو ۽ تنهنجو دشمن ٿي ويندو.

### ١٠_ خود پسندي.

الْعُجْبُ صَارِفٌ عَنْ طَلَبِ الْعِلْمِ دَاعٍ إِلَى الغَمْطِ وَ الْجَهْلِ.[5]

---

1. بحار الانوار، ج٦٩ ص:٣١٦ ؛ باب ١١٧
2. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٣ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
3. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٢ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني
4. بحار الانوار، ج٧٢ ص:١٧٣ ؛ باب ٥٩
5. بحار الانوار، ج٦٩ ص:١٩٩ ؛ باب ١٠٥

امام علي نقي (ع) فرمائن ٿا: خود پسندي علم حاصل ڪرڻ کان روڪي ڇڏي ٿي ۽ جهالت ۽ ناداني جي طرف دعوت ڏئي ٿي.

### ١١_ جهل ۽ بُخل.

الْجَهْلُ وَ الْبُخْلُ أَذَمُّ الْأَخْلَاقِ.[١]

جهالت ۽ ناداني بدترين خصلت آهي.

### ١٢_ ماڻهن جي حيثيت.

النَّاسُ فِي الدُّنْيَا بِالْأَمْوَالِ وَ فِي الْآخِرَةِ بِالْأَعْمَالِ.[٢]

ماڻهن جي حيثيت دنيا ۾ مال و دولت سان ۽ آخرت ۾ عملن سان آهي.

### ١٣_ اهل قم جي فضيلت.

أَهْلُ قُمَّ وَ أَهْلُ آبَةَ مَغْفُورٌ لَهُمْ لِزِيَارَتِهِمْ لِجَدِّي عَلِيِّ بْنِ مُوسَى الرِّضَا ع بِطُوسَ أَلَا وَ مَنْ زَارَهُ فَأَصَابَهُ فِي طَرِيقِهِ قَطْرَةٌ مِنَ السَّمَاءِ حَرَّمَ اللَّهُ جَسَدَهُ عَلَى النَّارِ.[٣]

اهل قم ۽ اهل آبہ (قم ۽ ساوھ جي درميان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي) جي بخشش ۽ مغفرت ٿي چڪي آهي، ڇو جو هو طوس ۾ منهنجي ڏاڏي امام رضا (ع) جي زيارت جي لاءِ ويندا آهن، ڄاڻي ونو تہ! جيڪو بہ سندن زيارت ڪري ۽ (اگر) رستي ۾ آسمان تان هڪ قطرو بہ ان مٿان ڪِري پوي تہ خدا ان جي جسم کي جهنم جي باھ کي حرام ڪري ڇڏيندو آهي.

### ١۴_ قرآن ابدي آهي.

ابْنُ السِّكِّيتِ النَّحْوِيُّ قَالَ سَأَلْتُ أَبَا الْحَسَنِ عَلِيَّ بْنَ مُحَمَّدِ بْنِ الرِّضَا ع قُلْتُ مَا بَالُ الْقُرْآنِ لَا يَزْدَادُ عَلَى النَّشْرِ وَ الدَّرْسِ إِلَّا غَضَاضَةً قَالَ لِأَنَّ اللَّهَ عَزَّ وَ جَلَّ لَمْ يَجْعَلْهُ لِزَمَانٍ دُونَ زَمَانٍ وَ لَا لِنَاسٍ دُونَ نَاسٍ فَهُوَ فِي كُلِّ زَمَانٍ جَدِيدٌ وَ عِنْدَ كُلِّ قَوْمٍ غَضٌّ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ.[۴]

---

١. بحار الانوار، ج١ ص:٩٤ ؛ باب ١
٢. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٦٨ ؛ باب ٢٨
٣. عيون أخبار الرضا عليه السلام، ج٢ ص:٢٦٠ ؛ باب٦٦
۴. مجموعة ورام، ج٢ ص:٧٢ ؛ الامالي للطوسي، ص:٥٨٠

ابن سڪيت چوي ٿو تہ آئون امام علي نقي (ع) جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ ڇا سبب آهي جو قرآن مجيد نشر و اشاعت ۽ درس و بحث سان وڌيڪ ترو تازه ٿي وڃي ٿو؟ امام (ع) فرمايو: الله تعالي قرآن شريف کي ڪنهن خاص زماني ۽ ڪن خاص ماڻهن جي لاءِ قرار نہ ڏنو آهي، بلڪ هو هر زماني ۾ نئون ۽ قيامت تائين هر قوم وٽ ترو تازه رهندو.

# حضرت امام حسن عسڪري

## (عليہ السلام)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ تواضع هڪ نعمت آهي.

التَّوَاضُعُ نِعْمَةٌ لَا يُحْسَدُ عَلَيْهَا.[١]

تواضع ۽ نوڙت هڪ اهڙي نعمت آهي جنهن تي حسد ناهي ڪيو ويندو.

## ٢_ هڪ مومن ٻئي مومن لاءِ برڪت آهي.

الْمُؤْمِنُ بَرَكَةٌ عَلَى الْمُؤْمِنِ وَ حُجَّةٌ عَلَى الْكَافِرِ.[٢]

هڪ مومن،ٻئي مومن جي لاءِ برڪت هوندو آهي ۽ ڪافر جي مٿان حجت هوندو آهي.

## ٣_ جهالت.

مِنَ الْجَهْلِ الضَّحِكُ مِنْ غَيْرِ عَجَب.[٣]

(انسان جو) تعجب (واري ڳالهه) جي بغير کلڻ سندس جهالت ۽ ناداني جي علامت آهي.

## ٤_ نادان ۽ داناءَ جي دل.

قَلْبُ الْأَحْمَقِ فِي فَمِهِ وَ فَمُ الْحَكِيمِ فِي قَلْبِه.[٤]

نادان ماڻهوجي دل سندس وات ۾ هوندي آهيءِداناءَ ماڻهوءَ جو وات سندس دل ۾ هوندو آهي.

## ٥_ بڇڙو انسان.

بِئْسَ الْعَبْدُ عَبْدٌ يَكُونُ ذَا وَجْهَيْنِ وَ ذَا لِسَانَيْنِ– يُطْرِي أَخَاهُ شَاهِداً وَ يَأْكُلُهُ غَائِباً– إِنْ أُعْطِيَ حَسَدَهُ وَ إِنِ ابْتُلِيَ خَانَه.[٥]

---

١. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
٢. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
٣. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٢ ؛ باب٢٩
٤. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
٥. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٣ ؛ باب٢٩

سيني کان وڌيڪ بڇڙو انسان اهو آهي جنهن جا ٻه چهرا ۽ ٻه زبانون هجن_جيڪو پنهنجي (مومن) ڀاءُ جي موجودگي ۾ ته سندس تعريف ڪري پر ان جر پرپٺ سندس گوشت کائي تو (غِيبت ڪري) ۽اگر (سندس ڀاءُ) کي ڪجهه عطاء ملي تو ته هو ساڙس ساڙ ڪري تو ۽ جيڪڏهن هو ڪنهن مصيبت ۾ قاسي تو ته هيءُ ساڻس خيانت ڪري تو.

## ٦_ تواضع ۽ نوڙت جون نشانيون.

مِنَ التَّوَاضُعِ السَّلَامُ عَلَى كُلِّ مَنْ تَمُرُّ بِهِ- وَ الْجُلُوسُ دُونَ شَرَفِ الْمَجْلِسِ.[1]

تواضع هي آهي ته تون هر ان ماڻهوءَ کي سلام ڪرين جيڪو تو وٽان گذري، ۽ ڪچهريءَ ۾ ان جاءِ تي وڃي ويهين جيڪا تنهنجي لائق نه هجي

## ٧_ هر برائي جي چابي.

الْغَضَبُ مِفْتَاحُ كُلِّ شَرٍ.[2]

غضب ۽ ڪاوڙ هر برائي جي ڪنجي آهي.

## ٨_ ٻه پليون خصلتون.

خَصْلَتَانِ لَيْسَ فَوْقَهُمَا شَيْءٌ الْإِيمَانُ بِاللَّهِ وَ نَفْعُ الْإِخْوَانِ.[3]

ٻه خوبيون اهڙيون آهن جن کان وڌيڪ ڪجهه ٻه ناهي: خدا تي ايمان رکڻ ۽ (پنهنجي مومن) ڀائرن کي فائدو پهچائڻ.

## ٩_ سڀ کان وڏو عابد.

أَعْبَدُ النَّاسِ مَنْ أَقَامَ عَلَى الْفَرَائِضِ.[4]

سڀ کا وڏو عابد انسان اهو آهي جيڪو واجبات کي انجام ڏئي تو.

## ١٠_ سيني کان وڏو زاهد.

أَزْهَدُ النَّاسِ مَنْ تَرَكَ الْحَرَامَ.[1]

---

[1]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٢ ؛ باب٢٩
[2]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٣ ؛ باب٢٩
[3]. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنه ع في قصار هذه المعاني
[4]. بحار الانوار، ج٧٥ ص:٣٧٣ ؛ باب٢٩

سپ کان وڏو زاهد اهو آهي جيڪو حرام کي ڇڏي ڏئي

## ١١_ادب جو معيار.

لَيْسَ مِنَ الْأَدَبِ إِظْهَارُ الْفَرَحِ عِنْدَ الْمَحْزُونِ.[٢]

ڏکايل اڳيان (پنهنجي) خوشي جو اظهار ڪرڻ بي ادبي آهي.

## ١٣_حق کي ڇڏڻ جو انجام.

مَا تَرَكَ الْحَقَّ عَزِيزٌ إِلَّا ذَلَّ وَ لَا أَخَذَ بِهِ ذَلِيلٌ إِلَّا عَز.[٣]

ڪو بہ اهڙو عزت وارو ناهي جنهن حق کي ڇڏيو هجي ۽ ذليل و خوار نہ ٿيو هجي، ۽ ڪو بہ اهڙو ذليل نہ آهي جنهن حق کي اپنايو هجي ۽ عزت نہ ماڻي هجيس.

## ١۴_جاهل دوست.

صَدِيقُ الْجَاهِلِ تَعِب.[٤]

جاهل دوست (بہ هڪ وڏي مصيبت ۽) ڏُک ۽ غم آهي.

---

١. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

٢. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

٣. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

٤. تحف العقول عن آل الرسول ص، ص:٤٨٩ ؛ و روي عنہ ع في قصار هذه المعاني

# حضرت امام مهدي آخرالزمان

## ( عجل الله تعالیٰ فرجہ)

## جون چوڏهن حديثون

## ١_ آئون مهدي آهيان.

أَنَا الْمَهْدِيُّ وَ أَنَا قَائِمُ الزَّمَانِ أَنَا الَّذِي أَمْلَؤُهَا عَدْلًا كَمَا مُلِئَتْ جَوْراً.[١]

آئون مهدي آهيان ۽ آئون قائم آهيان، ۽ آئون اهو آهيان جيڪو زمين کي اهڙي طرح عدل سان ڀري ڇڏيندس جهڙي طرح ظلم سان ڀريل هوندي.

## ٢_ آئون قائم آل محمد (ص) آهيان.

أَنَا الْقَائِمُ مِنْ آلِ مُحَمَّدٍ ص أَنَا الَّذِي أَخْرُجُ فِي آخِرِ الزَّمَانِ بِهَذَا السَّيْفِ ... فَأَمْلَأُ الْأَرْضَ عَدْلًا وَ قِسْطاً كَمَا مُلِئَتْ جَوْراً وَ ظُلْما.[٢]

آئون قائم آل محمد (ص) آهيان، ۽ آءُ ئي آخري زماني ۾ هن تلوار سان ظهور ڪندس، ... پوءِ آئون زمين کي عدل ۽ انصاف سان ڀري ڇڏيندس جهڙي طرح اها ظلم ۽ جور سان ڀريل هوندي.

## ٣_ آئون خاتم الاوصياء آهيان.

أَنَا خَاتَمُ الْأَوْصِيَاءِ وَ بِي يَرْفَعُ اللَّهُ الْبَلَاءَ عَنْ أَهْلِي وَ شِيعَتِي.[٣]

آئون خاتم الاوصياء آهيان، ۽ خدا منهنجي وسيلي ئي منهنجي اهل بيت ۽ منهنجي شيعن کان مصيبتن کي دور ڪندو.

## ٤_ غائب امام جي وجود جو فائدو .

وَ أَمَّا وَجْهُ الِانْتِفَاعِ بِي فِي غَيْبَتِي فَكَالانْتِفَاعِ بِالشَّمْسِ إِذَا غَيَّبَهَا عَنِ الْأَبْصَارِ السَّحَابُ.[٤]

منهنجي غيبت جي زماني ۾ منهنجي وجود منجهان ماڻهن کي اهڙي طرح فائدو حاصل ٿيندو جهڙي طرح ڪڪرن پنيان لڪيل سج منجهان ڪين فائدو حاصل ٿيندو آهي.

## ٥_ زمين وارن جي لاءِ امان.

إِنِّي لَأَمَانٌ لِأَهْلِ الْأَرْضِ كَمَا أَنَّ النُّجُومَ أَمَانٌ لِأَهْلِ السَّمَاءِ.[٥]

---

١. كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٤٤٥ ؛ باب٤٣
٢. بحار الانوار، ج٥٢ ص:٤١ ؛ باب ١٨
٣. الخرائج و الجرائح، ج١ ص:٤٥٨ ؛ الباب الثالث عشر في معجزات الامام صاحب الزمان ع
٤. الاحتجاج علي أهل اللجاج، ج٢ ص:٤٧١ ؛ احتجاج الحجة القائم المنتظر المهدي صاحب الزمان(عج)
٥. كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٤٨٥ ؛ باب٤٥

آئون زمين وارن جي لاءِ امان آهيان جهڙي طرح ستارا آسمان وارن جي لاءِ امان آهن.

### ٦_ زمين ڪڏهن بہ حجت خدا کان خالي ناهي .

إِنَّ الْأَرْضَ لَا تَخْلُو مِنْ حُجَّةٍ إِمَّا ظَاهِراً وَ إِمَّا مَغْمُوراً.[1]

زمين حجتِ خدا کان خالي نٿي رهي سگهي،پوءِ اها حجت يا ظاهر هوندي آهي يا غائب هوندي آهي.

### ٧_ جنهن کان اهل بيت (ع) بيزار، ان کان خدا بہ بيزار.

أَنَّ كُلَّ مَنْ نَبْرَأُ مِنْهُ فَإِنَّ اللَّهَ يَبْرَأُ مِنْهُ وَ مَلَائِكَتُهُ وَ رُسُلُهُ وَ أَوْلِيَاؤُهُ.[2]

هر اهو شخص جنهن کان اسان (اهل بيت ع) بيزار آهيون، ان کان الله،سندس ملائڪ،رسول ۽ اولياءَ (سڀ) بيزارآهن.

### ٨_ خدا جي لعنت.

فَمَنْ ظَلَمَنَا كَانَ مِنْ جُمْلَةِ الظَّالِمِينَ وَ كَانَ لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَيْهِ لِقَوْلِهِ تَعَالَى أَلا لَعْنَةُ اللَّهِ عَلَى الظَّالِمِينَ.[3]

جنهن بہ اسان تي ظلم ڪيو آهي اهو ظالمن ۽ ستمگارن منجهان آهي ۽ ان تي خدا جي لعنت آهي، ڇاڪاڻ تہ خدا پاڻ فرمايو آهي تہ ”ظالمن تي خدا جي لعنت آهي“.

### ٩_ اهل بيت جي محبت.

فَلْيَعْمَلْ كُلُّ امْرِئٍ مِنْكُمْ بِمَا يَقْرُبُ بِهِ مِنْ مَحَبَّتِنَا وَ يَتَجَنَّبُ مَا يُدْنِيهِ مِنْ كَرَاهَتِنَا وَ سَخَطِنَا.[4]

توهان منجهان هر هڪ کي گهرجي تہ اهڙو ڪم ڪري جيڪو توهان کي اسان جي محبت جي ويجهو ڪري،۽ اهڙي عمل کان پري رهي جيڪو اسان کي پسند نہ آهي ۽ اسان جي ناراضگي جو سبب بڻجي.

---

[1] كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٥١١ ؛ باب٤٥
[2] الاحتجاج علي أهل اللجاج، ج٢ ص:٤٧٤ ؛ احتجاج الحجة القائم المنتظر المهدي صاحب الزمان (عج)
[3] كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٥٢١ ؛ باب٤٥
[4] الاحتجاج علي أهل اللجاج، ج٢ ص:٤٩٨ ؛ ذكر طرف مما خرج أيضا عن صاحب الزمان ع

## ١٠_ رحمت ۽ مهرباني.

لَوْ لَا مَا عِنْدَنَا مِنْ مَحَبَّةِ صَلَاحِكُمْ وَ رَحْمَتِكُمْ وَ الْإِشْفَاقِ عَلَيْكُمْ لَكُنَّا عَنْ مُخَاطَبَتِكُمْ فِي شُغُلٍ.[١]

اگر اسان کي توهان جي اصلاح نہ چاهيون هاءِ اگر اسان توهان تي مهربان ۽ شفيق نہ هجون ها تہ اسان توهان سان ڳالهائڻ بہ ڇڏي ڏيون ها.

## ١١_ ڪنهن ٻئي جي ملڪيت کي استعمال ڪرڻ.

فَلَا يَحِلُّ لِأَحَدٍ أَنْ يَتَصَرَّفَ فِي مَالِ غَيْرِهِ بِغَيْرِ إِذْنِهِ فَكَيْفَ يَحِلُّ ذَلِكَ فِي مَالِنَا.[٢]

ڪنهن لاءِ بہ اهو جائز نہ آهي تہ ڪنهن ٻئي جي ملڪيت کي ان جي اجازت کانسواءِ استعمال ڪري تہ پوءِ ڪير اسان جي ملڪيت کي بغير اجازت جي استعمال ڪيئن تو استعمال ڪري سگهي.

## ١٢_ جديد مسئلن ۾ عالمن جي پيروي ڪيو.

أَمَّا الْحَوَادِثُ الْوَاقِعَةُ فَارْجِعُوا فِيهَا إِلَى رُوَاةِ حَدِيثِنَا فَإِنَّهُمْ حُجَّتِي عَلَيْكُمْ وَ أَنَا حُجَّةُ اللَّهِ عَلَيْهِم.[٣]

جديد مسئلن ۾ اسان جي حديثن کي بيان ڪرڻ وارن جي طرف رجوع ڪريو، چو جو اهي منهنجي طرف کان توهان تي حجت آهن ۽ آئون انهن تي خدا جي طرف کان حجت آهيان.

## ١٣_ طهارت ۽ پاڪيزگي.

أَمَّا أَمْوَالُكُمْ فَمَا نَقْبَلُهَا إِلَّا لِتَطَهَّرُوا فَمَنْ شَاءَ فَلْيَصِلْ وَ مَنْ شَاءَ فَلْيَقْطَعْ فَمَا آتَانَا اللَّهُ خَيْرٌ مِمَّا آتَاكُم.[٤]

اسان توهان جي مال مليڪت فقط ان ڪري قبول ڪريون ٿا تہ جيئن توهان پاڪ ٿي وڃو ، بس تہ پوءِ جنهن جي مرضي هجي اهو پنهنجي مال مليڪت اسان تائين پهچائي ۽ جنهن جي دل نٿي چاهي اهو نہ

---

[١]. بحار الانوار، ج٥٣ ص:١٧٩ ؛ باب ٣١
[٢]. كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٥٢١ ؛ باب٤٥
[٣]. كمال الدين و تمام النعمة، ج٢ ص:٤٨٤ ؛ باب٤٥
[٤]. بحار الانوار، ج٥٣ ص:١٨٠ ؛ باب ٣١

پهچائي، بيشڪ جيڪو ڪجهه الله تعالىٰ اسان کي ڏنو آهي اهو ان کان وڌيڪ بهتر آهي جيڪو توهان کي ڏنو اٿس.

## ١۴ _ شُڪر جو سجدو

سَجْدَةُ الشُّكْرِ مِنْ أَلْزَمِ السُّنَنِ وَ أَوْجَبِهَا.[١]

شڪر جو سجدو انهن سنتن منجهان آهي جن کي ادا ڪرڻ انتهائي لازم ۽ ضروري آهي.

١. الاحتجاج علي أهل اللجاج، ج٢ ص:٤٨٧ ؛ ذكر طرف مما خرج أيضا عن صاحب الزمان ع

# الهدىٰ فائونڊيشن پاڪستان جا ڇپايل ڪتاب










## شيعہ دوست ڊاٽ ڪام

شيعہ دوست ڊاٽ ڪام سنڌي ٻوليءَ ۾ انٽرنيٽ تان جاري ٿيندڙ پهرئين اسلامي ويب سائيٽ آهي جنهن ۾ ڪيترن ئي اسلامي موضوعن جهڙوڪ ،قرآن ڪريم،نهج البلاغہ،احاديث نبويہ،اسلامي عقيدا،تاريخ اسلام،تاريخ تشيع،شرعي مسئلہ، شعروشاعري،اسلامي اخلاق سميت ٻين ديني موضوعن تي مفت اسلامي ڪتاب ۽ مقالا موجود آهن.

**http://www.shiadost.com**

## شيعہ دوست فورم

شيعہ دوستن لاءِ ديني معلومات سميت هرقسم جي معلومات جي ڏي وٺ لا شيعہ دوست فورم جوڙيو ويو آهي،جنهن ۾ مٿين اسلامي موضوعن سميت تايخ اسلام، تاريخ تشيع،شرعي مسئلہ ،شعروشاعري ،اسلامي اخلاق سميت سنڌجي تاريخ،ثقافت،سنڌي ادب،تازه ترين خبرون،تجزيا،ڪمپيوٽر، سافٽويئر ،اسلامي وال پيپر،سنڌي اردو فونٽ،موبائيل گيلري ڪان علاوه ٻين ڪيترن ئي مذهبي،علمي،سياسيءَ سائنسي موضوعن تي مفيد معلومات موجود آهي.

**http://forum.shiadost.com**